# مولانا عبيدالله سنڌي

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 2

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب ۱۱۵

# مولانا عبيدالله سنڌي رح

مولانا عبيدالله سنڌي رح

(پندرهين صدي هجري جشن ڪميٽيءَ جي تعاون سان)

ليکڪ

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

Gul Hayat Institute

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

پاران

هجري مطبوعات ڪميٽي

يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن - اسلام آباد

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

چاپو پهريون ] [تعداد ٥٠٠٠

ڊسمبر ١٩٨٥ مطابق ربيع الثاني ١٤٠٥هه

قيمت ٠٠-٧

Gul Hayat Institute

ڪور ڊزائين خدا بخش ابڙو

هي ڪتاب آشڪار پرنٽرز ڊي/١٠٩، يونٽ نمبر ٥ لطيف آباد ۾ ڇپيو ۽ مهتاب اڪبر راشدي، ڊائريڪٽر انچارج انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي نئون ڪئمپس ڄامشورو، ضلعي دادو، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| پيش لفظ | الف |
| ناشر طرفان | |
| مثالي ماڻهوءَ جي ڳالهه | ١ |
| سندس گهراڻو | ٣ |
| سندس ولادت | ۵ |
| تعليم ۽ تربيت | ٦ |
| مسلمان ڪيئن ٿيو | ٧ |
| گهر ڇڏڻ | ٨ |
| سنڌي ڇو سڏايائين؟ | ٩ |
| علم جي اُڃ پوري نہ ٿي | ٩ |
| ڪٿي ڪٿي پڙهيو | ١٠ |
| سنڌ ڏي واپسي | ١۵ |
| شادي خانہ آبادي | ١٦ |
| وچڙيا ملي ويا | ١٨ |
| ادب تہ هڙؤ | ١٨ |
| پلي ماڻهوءَ جو پلو ڪم | ١٩ |


Gul Hayat Institute

پهريون قدم ٢١
بهترين استاد ٢٢
هڪ خواب جي تعبير ٢٤
هڪ جماعت ڏاهي وئي ٢٦
اڳتي قدم ڪهڙو؟ ٢٧
آدب ڪان آمر وڏو ٢٨
حڪومت کي ڪڙڪ پئجي وئي ٢٩
سچ جي ثابتي ٣١
ساٿ نہ ڇڏيو ٣٢
سنڌ ۽ هند ۾ ڇا ٿيو؟ ٣٣
مولانا سنڌي ڪابل ۾ ڇا ڪيو؟ ٣٧
سنڌ ”سنڌي“ جي مدد ڪئي ٤٠
پوءِ بہ مايوس نہ ٿيو ٤١
روس ڏانهن روانگي ٤٢
روس ڪان پوءِ ترڪي ٤٥
ترڪي ڪان پوءِ مڪي ٤٧
سنڌس غيرحاضريءَ ۾ ٥٠
وطن واپسي ٥٢
بي نيازيءَ جو بهترين مثال ٥٤
باغي انسان پوءِ ڇا ڪيو ؟ ٥٦


Gul Hayat Institute

هو ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرڻ گهري؟ ٥٨
موت برحق آهي ٦١
سنڌس شخصيت ٦٥
مولانا وڏو سياڻو هو ٦٦
هن مقصد واري زندگي گذاري ٦٧
هو آورچ انسان هو ٦٨
پڙهڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو ٦٩
علم آهي عمل سان ٧١
مدد زباني نہ پر عملي ٧٢
آڏوري ڳالهہ ٧٣


Gul Hayat Institute

# ناشر طرفان

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ٻارن لاءِ ڪتاب ڇپرائڻ ۾ اهو به خيال رکيو آهي ته ڪهاڻين ۽ نظمن تي مشتمل ڪتابن سان گڏوگڏ، انهن آڏو اهڙو مواد به آندو وڃي، جنهن ۾ انهن شخصيتن سان ٻـارن جي واقفيت ڪرائجي، جن جي جاکوڙ، سوچ، فڪر ۽ عملي زندگيءَ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ تي اڻ مٽ نقش ڇڏيا آهن. اهڙين شخصيتن مان مولانا عبيدالله سنڌي اهڙي شخصيت آهي جنهن جو احوال زندگي ۽ عملي جدوجهد متعلق ڄاڻڻ اسان سڀني لاءِ عام طرح ۽ ٻارن لاءِ خاص طرح تمام ضروري آهي ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جن، هن ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ وڏي محنت ڪئي ۽ ٻارن جي ذهن مطابق ڪتاب لکڻ لاءِ ان ڪان به وڌيڪ جاکوڙ ڪئي، جيڪا پڙهڻ کانپوءِ سڀني کي محسوس ٿيندي. مونکي خوشي آهي ته اسانجو ادارو هي ڪتاب ڇپرائي توهان جي آڏو آڻي سگهيو.

مهتاب اڪبر راشدي

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

٢٥ مئي ١٩٨٢ع تي آءٌ پنهنجي سنتيهين سالگره ملهائي رهيو هوس، ته مربي اُستاد ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن جو عنايت نامو پهتو. جنهن ۾ حڪم ڏنو ويو هو ته آئون مولانا عبيدالله سنڌي جي موضوع تي ٻارن جي اپياسي ڏانءُ وٺان هڪ ڪتاب لکي هڪ مهيني جي اندر سندن خدمت ۾ پيش ڪريان.

سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا جي اهڙي قرب ته قرار ڏنو پر جنهن ڳالهه حد ڪان وڌيڪ بي قرار ڪيو; اُها هيءَ هئي ته ڪٽي مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو موضوع ۽ ڪٽي آءٌ! هڪ طرف اُها سورهيه شخصيت، جنهن ڪڏهن ٻه سک جو ساهه نه ڪنيو ۽ پنهنجي ڄمار وطن دوستيءَ جي سچي جذبي تان قربان ڪري ڇڏي; ٻئي طرف آءٌ، جنهن‌جي زندگيءَ ۾ ڪو ڏکيو ڏينهن ته نه آيو، پر وطن ۾ ويهي ٻه وطن جي روشن مستقبل لاءِ اِئين نه سوچيم جيئن سوچڻ گهرجي.

هن مرد مجاهد چوويهه سال جلاوطني ڪاٽي; مگر مون چين ۽ قرار جي چانو ۾ ويهي پنهنجا وار اڇا ڪيا.

بيقرار ضمير کي ٿٿوراٽيون هڻي مس بس ڪيم ته ٻيو

Gul Hayat Institute

ب

مسئلو آڏو اچي بيٺو. اُهو هيو ته "هي ڪتاب ٻارڙن لاءِ لکڻو آهي." هي جملو ته نهايت آسان ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، ليڪن ان جا لوازمات نهايت دقيق ۽ مشڪل آهن. ٻارن لاءِ لکڻ وقت ٻار ٽيڪو ٿو پوي، ۽ سنڌن ڪچڙي ذهن ڪي اهڙي نموني ڏيان ۾ ڌرڻو پوي ٿو، ته جيئن هڪ طرف سنڌن پاڪ ۽ صاف ذهن هٿ ڏوڪين نظرين جي ٻار ڪان ڏبجي ته ٻئي ۽ ٻئي طرف سنڌن اڳيان نهايت ايمانداريءَ مگر وڻندڙ نموني سان ڳالهه ڪٽجي. پوءِ پيل ته چاهي ۽ دلچسپيءَ سان هو ڏسيل يا ڇنيل خاڪي ۾ ٻاڻ رنگ ڀرين.

مولانا عبيدالله سنڌي، اسان جي انهيءَ آزاديءَ جي اڳواڻن مان هڪ آهي. جيڪا اسان جي سپوتن انگريزن کان حاصل ڪئي. هو انهيءَ آزاديءَ جي جدوجهد جو انوکو ستارو آهي، جنهن کي پنهنجي روشني آهي ۽ جنهن ۾ پنهنجي ڪشش آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته علمي چاڻ، حيثيت ۽ رتبي جي لحاظ کان هو پنهنجي دور ۾ اسلامي دنيا جي چاتل سڃاتل ۽ مڃيل شخصيت هو. پر هيءَ به حقيقت آهي ته "وطن دوستي" جي مسلڪ ۾ هن اُن وقت جي مکيه پارٽين سان اختلاف ڪندي، پنهنجو الڳ، انقلابي نظريو ڏنو. سندس خيال هو ته هندستان هڪ نه پر گهڻ قومي ملڪ آهي ۽ ان جي ورهاست لساني ۽ ثقافتي بنيادن تي ٿيڻ گهرجي.

هن پنهنجو اهو نظريو ١٩٣٩ع ۾ پيش ڪيو. جنهن کان بعد ئي "لاهور وارو ٺهراءُ" منظور ٿيو، جنهن ۾ "مسلم رياستن" جي قيام جو مطالبو ڪيو ويو هو.

سنڌ ۽ هند جي سياسي ۽ اسلامي تاريخ ۾ هن عظيم انسان کي وڏي حيثيت حاصل آهي. سندس خدمتون صدين تائين ساراهيون ۽ ياد ڪيون وينديون. هي ڪتابڙو به ڪيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو ننڍڙو مثال آهي.

ٻارن لاءِ هن مثالي ۽ عظيم انسان تي لکڻ وقت اهو به ذهن ۾ رکيو ويو آهي ته جتي ڪيس ٻارن سان متعارف ڪرايو وڃي، اُتي گڏوگڏ تنهن دؤر جي حالتن کان به کين با خبر ڪيو وڃي. ان ڪري هي ڪتابڙو "سوانح نگاري" سان گڏ ڪنهن حد تائين "تاريخ" جي موضوع سان به واسطو رکي ٿو.

ڪتابڙي لکڻ وقت اهو ڍنگ اختيار ڪيو ويو آهي مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي شخصيت ۽ ڪردار کي اُجاگر ڪرڻ وقت اُنهن جذبن ۽ اُمنگن کي به اُڀاريو وڃي، جيڪي اسان جي زندگيءَ جو لازمي ورثو آهن ۽ جن کي نئين رنگ روپ ڏيڻ لاءِ آوس ئي اسان کي سوچڻ گهرجي.

هي ڪتابڙو مون ويٺي ويٺي دلئون ڪونه جوڙيو آهي ظاهر آهي ته انهيءَ لاءِ جي آڻ ڳڻيا نه ته ڪجهه ڪتاب ضرور

Gul Hayat Institute

اُتلايا پتلايا هوندا. مون خاص ڪري ماهوار ”توحيد“ (ڪراچي)، نہ ماهي ” الرحيم“ (حيدرآباد)، ماهوار ” الصادق“(ڪراچي)، جي مختلف پرچن ڪان سواءِ محترم جي آلانا جي ڪتاب ” اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ“ ۽ اردو ۾ لکيل ” تحريڪ شيخ الهند“، ”مولانا عبيدالله سنڌي“ ”آپ بيتي“، تحريڪ ”ريشمي رومال“ ”خطبات مولانا عبيدالله سنڌي“ وغيره جو بہ مطالعو ڪيو آهي. آءٌ استفادي ڪرڻ لاءِ اُنهن مڙني ايڊيٽرن ۽ ليکڪن جو ٿورائتو آهيان.

۳- جولاءِ ۱۹۸۲ع ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

Gul Hayat Institute



مولانا عبيدالله سنڌي

Gul Hayat Institute

# مولانا عبيدالله سنڌي

## مثالي ماڻهوءَ جي ڳالهه

پيارا ٻارو! ڏاڏي آدم ڪان وٺي اڄوڪي ڏينهن تائين اڻ ڳڻيا انسان پيدا ٿيا آهن ۽ هيءَ جهان ڇڏي ويا آهن. هيءَ دنيا انهن سمورن انسانن کي ياد نه ٿي ڪري. نه وري اهي سڀ ماڻهو ڪي عظيم انسان ٿي گذريا آهن. دنيا رڳو اُنهن انسانن کي ياد رکندي آهي، جيڪي وڏا ۽ سٺا ڪم ڪري ويندا آهن.

هاڻي هتي هي سوال پيدا ٿين ٿا ته وڏا ڪم ڪهڙا ٿيندا آهن ۽ اُهي ڪيئن ڪيا ويندا آهن؟ وڏا ڪم اُهي ٿيندا آهن جن مان انسان ذات جو ڀلو ٿئي ۽ ماڻهن کي فائدو پهچي. مثال طور جنهن ماڻهوءَ جهاز يا راڪيٽ ناهيو، ٽيليفون يا ٽيليويزن جوڙي يا ڪا ٻي سائنسي ايجاد ڪئي؛ ته اُن جڻ ساري انسان ذات جو ڀلو ڪري ڇڏيو. اهڙي نموني جيڪڏهن ڪنهن انسان نيڪيءَ کي عام ڪيو ۽ برائي جي پاڙ پٽي، تنهن به جڻ ماڻهن کي فائدو رسايو. ساڳئي نموني، جن ماڻهن آزاديءَ جي جنگ وڙهي ۽ وطن

Gul Hayat Institute

وارن کي غلاميءَ مان آجو ڪيو، يا آجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تن ۾ جڙ پين جي سک لاءِ پاڙ کي ڏک ڏنا ۽ وڏو ڪم ڪيو.

هاڻي اسان کي هي ڏسڻو آهي ته اُهي وڏا ڪم ڪيئن ڪيا ويندا آهن. دنيا ۾ جيڪو به انسان اچي ٿو، سو آجايو ۽ بيڪار نه ايندو آهي. ڌڻي تعاليٰ هرڪ انسان کي ڪي نه ڪي اهڙيون لياقتون ڏنيون آهن، جن کي سجاڳيءَ ۽ سٺي نموني استعمال ڪري، انسان وڏي ڪان وڏا ڪم ڪري سگهي ٿو. دنيا ۾ جيڪي به وڏا انسان ٿي گذريا آهن، انهن سڀ کان اڳ ۾ پنهنجو پاڻ سڃاتو هو ۽ اهو ڏٺو هو ته هنن ۾ ڪهڙيون صلاحيتون آهن ۽ اُنهن کي ڪيئن ڪم آڻجي؟

وڏو ۽ مثالي ماڻهو ان کي نه چيو ويندو آهي ته هن وٽ ڏن جا ڍير هجن، پر وڏو ماڻهو اهو آهي جو پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن کي ايمانداريءَ سان ڪم آڻي. انهيءَ حساب سان اهو هاري به وڏو ماڻهو آهي جيڪو ايمانداريءَ سان پورهيو ڪري، ان اپائي ٿو، جنهن مان هن کان سواءِ ٻين کي به فائدو رسي ٿو. ساڳئي نموني اهو دوڪاندار به وڏو ماڻهو آهي، جيڪو ٿوري نفعي سان ٻين کي ضرورت جون شيون وڪڻي ٿو. اهڙي طرح هرڪو ماڻهو پنهنجيءَ جاءِ تي وڏو ماڻهو ٿي سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

پيارا ٻارو ! اڄ اسان هن ڪتاب ۾ اهڙي هڪ مثالي ماڻهوءَ جو احوال پڙهنداسين، جنهن دين ۽ وطن جي خدمت ڪئي ۽ پنهنجو نالو روشن ڪري ويو؛ اُهو وڏو ماڻهو آهي مولانا عبيدالله سنڌي، جنهن جي حياتيءَ مان اسان ڪيترائي سبق پرائي سگهون ٿا.

سنڌس گهراڻو:

انگريزن جي قبضي ڪرڻ کان اڳ، پنجاب سکن جي حڪمرانيءَ هيٺ هئو. اُنهيءَ زماني ۾ سکن جي ذاتي هلندي پڄندي هئي ۽ ڪيترائي سک گهراڻا سرڪاري ملازم هئا. گلاب راءِ به اُنهن ملازمن مان هڪ هو. هن کي سرڪار سنڌس ڳوٺ ۾ ڪاردار مقرر ڪيو هو. تنهن زماني ۾ ڪنهن ڳوٺ جي ڪارداري ڪا معمولي ملازمت نه هوندي هئي. ڪاردار جڻ ته ڳوٺ جو سرڪاري حاڪم هوندو هو.

ڪاردار گلاب راءِ پنهنجي حياتي وڏي ٺٺ ۽ ٺانگر سان گذاري ۽ سنڌس گهراڻي کي به ڪافي سک نصيب هو. گلاب راءِ هلنديءَ پڄنديءَ وارو ماڻهو هو، اِن ڪري هن پنهنجي پٽ جسپتراءِ کي به سٺي سرڪاري نوڪري وٺي ڏني. اِئين هن گهراڻي جي ڀن پيڙهين مان ۽ مرتبي جي زندگي گذاري.

پر سياڻن سچ چيو آهي ته: "هڪ سج ٻه پاڇا". جڏهن سج

اوير ۾ هوندو آهي ته، وڻن ٽڪن، ماڻهن ۽ جاين جا پاڇا اولهه طرف هوندا آهن، پر جڏهن سج اولهه ۾ هوندو آهي ته ساڳيا پاڇا اوير طرف ٿي بيهندا آهن. اهڙي نموني سان حالتون به انسانن ۾ اثر وجهون ٿيون. جڏهن پنجاب ۾ سکن جو راڄ هو تڏهن کيترائي سک گهراڻا وڏن مزن ۾ هئا. پر جڏهن انگريزن آچي پنجاب تي قبضو ڪيو، تڏهن اهي ماڻهو جن جو گذر بسر نوڪريءَ تي هو، تن کي ڏکيا ڏينهن ڪاٽڻا پيا.

هوئن به چوندا آهن ته: ”نيچ نوڪري، وچندڙ واپار ۽ اتم کيتي: ” نوڪري ته ڏکن جي ٿوکري ٿيندي آهي، ملازم ماڻهو جن پڻ ڏوکڙن ڪمائڻ لاءِ پاڻ محتاج ٿي پوندو آهي. پلا جيڪا آزادي ڌنڌي يا واپار ۾ آهي؛ اها ڪٿي ٿي نوڪريءَ ۾ نصيب ٿئي!

سو پيارا ٻارو! جسپتراءِ جي پٽ رام سنگهه جڏهن بدليل حالتون ڏٺيون، تڏهن پنهنجا آباڻا ڪک ڇڏي آچي سيالڪوٽ ۾ ويٺو ۽ اُتي سونارڪو ڌنڌو شروع ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ لڳو.

رام سنگهه جي شادي انهيءَ ئي شهر ۾ ٿي هئي ۽ اتي ئي ڪيس پهرئين ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو جيوڻي رکيو ويو ان کان پوءِ رام سنگهه لاڏاڻو ڪري ويو.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com 



سنڌس ولادت:

رام سنگهه جي مري وڃڻ کري سنڌس گهر واري وڃي پنهنجي سهري جسپتراء وٽ چياڏوالي ڳوٺ ۾ رهي. چئن مهينن کان پوء ١٢ محرم ١٢٨٩ھ، مطابق ١٠ مارچ ١٨٧٢ع تي ڪيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ٻوٽا سنگهه رکيو ويو، جنهن اڳتي هلي دين اسلام قبول ڪيو ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو.

ٻوٽا سنگهه پريا ڏهه سال به پنهنجي ڏاڏي جي ڳود ۾ مس گذاريا ته اهو به لاڏاڻو ڪري ويو. ان ڪري سنڌن جوان جماڻ ماءُ پيو آجهو نه ڏسي پنهنجي ٻارن کي پنهنجي پيءُ جي گهر وٺي ويئي. اتين ٻوٽا سنگهه ۽ جيوٽي پنهنجي ڏاڏي جي مري وڃڻ کان پوء اچي ناناڻي گهر رهيا.

پر شايد ڏکيءَ کي اهو منظور هو ته ننڍڙو ٻوٽا سنگهه ٻالپڻي ۾ ئي ڏک ڏسي پاڻ پڪو ٿئي ته جيئن اڳتي هلي مٿس ڏک درد ڪو اثر نه ڪن! سو ٿيو ائين جو سنڌس نانو به گذاري ويو. اتين هي يتيم ٻار وري ڇورو ڇنو ٿي پيو. اڌهيءَ کان پوء سنڌس ماءُ ڪيس پنهنجي ڀائرن وٽ وٺي آئي. هن معصوم ٻار جا ماماڻا جام پور ضلعي غازي خان ۾ ٽپيدار هئا. جن پنهنجي وٽ ۽ وس آهر سنڌس پرگهور لڌي.

Gul Hayat Institute

**تعليم ۽ تربيت:**

پيارا ٻارو! چيو ويندو آهي تہ علم انسان جي لاءِ ٽين اک آهي. اهو علم ئي آهي جيڪو ماڻهوءَ کي فرش تان ڪڍي عرش تي پهچائي ٿو. علم ڪانسواءِ آدمي حيوان برابر آهي. پر گهڻا ماڻهو علم جي اهميت کان واقف نہ هوندا آهن. عام ماڻهو سوچيندا آهن تہ هو علم پڙهي ڪا نوڪري ڪندا ۽ پوءِ ناڻو ڪمائيندا؛ ليڪن حقيقت ائين ڪانهي. علم دولت ڪمائڻ لاءِ حاصل نہ ڪبو آهي؛ دولت تہ اڻ پڙهيو ماڻهو بہ ڪمائي سگهي ٿو. علم انسان کي صحيح ۽ سچي راهہ ڏيکاريندو آهي. علم مان ئي انسان کي خبر پوندي آهي تہ هن جا حق ۽ فرض ڪهڙا آهن؟ هن کي پنهنجي زندگي ڪيئن گذارڻ گهرجي؛ جنهن مان ڪيس بہ فائدو رسي ۽ ٻين کي بہ لاڀ ملي. علم وسيلي ئي انسان کي حق ۽ سچ جي راهہ ملندي آهي، بنهہ ائين جيئن مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي ملي. هاڻي اچو تہ هي ڏسون تہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ علم ڪيئن حاصل ڪيو!

پاڻ جڏهن مامن سان گڏ رهڻ لڳو، تڏهن سندس ڄمار اڃا پريا ڇهہ سال ٿي، ان ڪري ڪيس جامپور جي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. هن ننڍڙي ٻالڪ پنهنجو پاڻ کي هڪ محنتي ۽ هوشيار شاگرد ثابت ڪيو. اسڪول جو ڪم وقت سر

Gul Hayat Institute

ڪري ڇڏيندو هو ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي سستي ڪانه ڪندو هو، پنهنجي اُستادن جو ادب ڪندو هو، ان ڪري هرڪو اُستاد ڪيس پلو پائيندو هو. اسڪول جا پار به هن ڪي چاهيندا هئا؛ ڇو ته پاڻ سيني ساٿين سان سٺو هلندو هو. هو پنهنجو وقت اجايو گهمڻ ۽ گنديءَ صحبت ۾ نه وڃائيندو هو. جيتوڻيڪ وقت سر راند روند به ڪندو هو، پر پڙهڻ تي گهڻو ڌيان ڏيندو هو. ان ڪري پنهنجي ڪلاس ۾ هميشه نمبر ڪٽندو هو.

مسلمان ڪيئن ٿيو !

هن آبهم پار جڏهن علم سان چاهه رکيو ته ننڍڙائپ ۾ ئي ڪيس حق ۽ سچ جو رستو ڏسڻ ۾ آيو. اسان کي خبر آهي ته پاڻ سک گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو ۽ سک ڌرم سندس اباڻو ڌرم هو.

هڪ دفعي سندس ڪنهن دوست ڪيس "تحفة الهند" نالي ڪتاب ڏنو. هي ڪتاب عبيدالله نالي هڪ عالم جو لکيل هو، جنهن پاڻ اسلام قبول ڪيو هو. جوڻا سنگهه اُهو ڪتاب وڏي چاهه سان پڙهيو ۽ کيس ڏاڍو مزو آيو. جڏهن پاڻ ٿئين درجي ۾ پهتو ته کيس اسلامي ڪتاب پڙهڻ جو شوق ٿيو. کيس دين اسلام بابت جيڪو به ڪتاب ملندو هو، سو پڙهي وٺندو هو. تان جو هڪ دفعي کيس

Gul Hayat Institute

هـي كتاب شاھ
”تقوية الايمان“ نالي هڪ كتاب مليو. كتاب پڙهڻ كان پوءِ هن
اسماعيل شهيد جو لکيل هو. انهي
مسلمان ٿيڻ جو فيصلو ڪيو.

گهر ڇڏڻ:
جوٽا سنگهه جڏهن مسلمان ٿيڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن
هن کي هڪ وڏي رنڊڪ نظر آئي. پاڻ پنهنجي ماءُ جو وڏو
ادب ڪندو هو. هن نه ٿي چاهيو ته کو ماءُ متس ناراض
ٿئي; يا ڪيس ڏوراپو ڏئي; ان ڪري هن چپ ڪيو جو
جام پور ڇڏي اچي سيالڪوٽ جي پرسان رهيو. اُتي هـن
پنهنجو نـالـو بـدلائي عبيدالله رکيو ۽ پـاڻ کي مسلمان
سڏائڻ لڳو.
مولانا عبيدالله پاڻ ڏي عبيدالله نالو اِن ڪري رکيو هو
جو هن سپ کان پهريون ”تحفة الهند“ نالـي كتاب پڙهيو
هو، جيکو پڻ عبيدالله نالي واري شخص جو لکيل هو ۽
هن وانگر مسلمان ٿيو هـو. مولانا عبيدالله سنڌيءَ کـي هن
كتاب پڙهڻ کان پوءِ ئي مسلمان ٿيڻ جو خيال ٿيو هـو.
ان ڪري هن پنهنجو نالو به ڪٽي عبيدالله رکيو.
مولانا عبيدالله جڏهن مسلمان ٿيو، تڏهن سندس ڄمار
سورنهن سال هئي. اُن وقت پـاڻ ميٽرڪ ۾ پڙهندو هـو.
سنت ئي پوءِ اُها تعليم آڌ ۾ ڇڏي، اچي ڪوٽلي رحم شاھ

Gul Hayat Institute

۾ عربي پڙهڻ ويٺو. پر پوءِ اُتي ڪيس خبر پئي ته سندس ماما سندس مسلمان ٿيڻ سبب هن تي ناراض ٿيا آهن. هن نٿي چاهيو ته اجايو مائٽن ڪي ڏکوئي، ان ڪري پنجاب ڇڏي سنڌ ڏي روانو ٿيو.

سنڌي جو سڏايائين!

نوجوان عبيدالله جڏهن سنڌ ۾ پهتو، ته سڀ کان پهريان سندس ملاقات پرچوندي ءَ جي بزرگ مولانا حافظ محمد صديق سان ٿي، جيڪو تنهن زماني جي هاڪارن عالمن مان هڪ هو. اُنهيءَ پلاري بزرگ جڏهن هن نوجوان کي ڏٺو، تڏهن وڏي پيار ۽ پاپوهه سان ڪيس چيائين ته: ”اي عبيدالله! تو اسلام واسطي پنهنجا عزيز ڇڏيا آهن: پر هاڻي غم نه ڪر، چوته اڄ کان وٺي آءٌ ڏنهنجو پيءُ آهيان ۽ توکي پنهنجي پٽن جهڙو درجو ڏيان ٿو.“

نوجوان عبيدالله تي اِنهن لفظن اهڙو ته اثر ڪيو، جو هن پنهنجي نالي پٺيان ”سنڌي“ لفظ جو اضافو ڪيو. ان کان پوءِ ئي عبيدالله سنڌي سڏائڻ لڳو.

Gul Hayat Institute

علم جي اُڃ پوري نه ٿي:

پيارا ٻارو! دوستي يا سنگت جو ماڻهوءَ تي وڏو اثر پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سٺي سنگت ۾ ويهندو ته هن ۾ به سٺا لڇڻ پيدا ٿيندا، پر جيڪڏهن گندي دوستي

اختيار ڪندو تہ هن ۾ بہ اوگڻ ظاهر ٿيندا.

عبيدالله سنڌي شروع کان وٺي بري صحبت کان پاسو ڪيو هو. هن جي دوستي ڪتابن يا ڪتاب پڙهندڙ شاگردن سان هوندي هئي. ان جو نتيجو هي نڪتو جو هڪ طرف هو ڪلاس ۾ سٺي نمبر ۾ ايندو هو ۽ ٻئي طرف حق ۽ سچ جي راهہ وٺي مسلمان ٿيو.

کيس پيرچونڊيءَ (سنڌ) ۾ بہ پلاري بزرگ جي صحبت ۾ چار مهينا گذارڻ جو موقعو مليو. هن صحبت جڻ سنڌس شخصيت جي سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. يا ڪٿي ائين چئون تہ پاڻ پارس سان لڳي سون ٿي پيو. انهيءَ بزرگ جي صحبت مان هن اهو سکيو تہ علم رڳو ٻن ڏن درجن پڙهڻ سان پورو نہ ٿيندو آهي. اهو تہ پينگهي کان وٺي قبر جي ڪنڌيءَ تائين حاصل ڪبو آهي، ان ڪري عبيدالله سنڌيءَ اهو فيصلو ڪيو تہ کيس اجا وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

ڪٿي ڪٿي پڙهيو:

پيارا ٻارو! اڄ تہ ڳوٺ ڳوٺ ۾ اسڪول نظر اچن ٿا، پر انگريزن جي زماني ۾ ائين ڪونہ هو. انگريز جيئن تہ ڌاريا حڪمران هئا، انهيءَ ڪري هنن اسان جي تعليم، ٻولي ۽ تهذيب سان دشمني ڪئي. هنن ڇا ڪيو جو اسان جي بزرگن جا قائم ڪيل مدرسا بند ڪري ڇڏيا، يا انهن تي پابنديون

وجهي ڇڏيون. انهيءَ بدران هنن پنهنجي ٻوليءَ جا اسڪول قائم ڪرڻ شروع ڪيا. ان جو نتيجو هي نڪتو ته جيڪو ماڻهو ڏيهي ۽ ديني تعليم پڙهڻ گهرندو هو، اُن کي وڏا ڪشالا ڪڍڻا پوندا هئا، ۽ پري پري وڃڻو پوندو هو.

عبيدالله سنڌي به علم جي اُڃ ڪٽڻ پرچونديءَ مان موڪلائي پهرين رياست بهاولپور پهتو. اُتي هن مختلف مسجدن ۾ شروعاتي عربي ڪتاب پڙهيا. اُن کان پوءِ پاڻ دين پور آيو. جتي ڪجهه وقت مولوي عبدالقادر جو شاگرد ٿي رهيو. هن ئي ڳوٺ ۾ پرچونديءَ واري بزرگ جو هڪ خليفو رهندو هو، جنهن جو نالو خليفو غلام محمد هو، عبيدالله سنڌي ڪيترو وقت سندس صحبت ۾ گذاريو ۽ اُنهيءَ بزرگ جي صلاح تي پنهنجي مائٽن ڏي خط لکي، کين ٻڌايائين ته هو مسلمان ٿيو آهي.

دين پور ۾ ڪجهه وقت تعليم وٺڻ کان پوءِ عبيدالله سنڌي اَچي ڪوٽلي رحم شاهه جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتي مولوي خدا بخش کان تعليم وٺڻ شروع ڪيائين. هتي ئي کيس معلوم ٿيو ته ديوبند ۾ هڪ مشهور ديني درسگاهه آهي، جتي وڏا وڏا عالم پڙهائيندا آهن. ان ڪري پاڻ مولوي خدا بخش جي مدرسي کي ڇڏي اچي ”دارالعلوم ديوبند ۾ داخل ٿيو.

Gul Hayat Institute

پنج مهينا دارالعلوم ديوبند ۾ رهڻ کان پوءِ عبيدالله سنڌي
پهرين ڪانپور ۽ پوءِ رام پور ويو. ڪانپور ۾ مولوي احمد حسن
۽ رام پور ۾ مولوي ناظرالدين کان ڪجهه ڪتاب پڙهيائين
پر ستٽئي ديوبند موٽي آيو.

ديوبند ۾ عبيدالله سنڌي دل لڳائي پڙهڻ شروع ڪيو
۽ پنهنجو نالو ايترو ته روشن ڪيائين جو هرڪو اُستاد
سندس تعريف ڪندو هو. هن اُتي جيڪي به اِمتحان ڏنا،
اُنهن ۾ پهريان نمبر ڪنيائين. هن ٿي زماني ۾ پاڻ ڪتاب
لکڻ به شروع ڪيائين. عبيدالله سنڌي هڪ سال جي ٿوري
عرصي ۾ گهٽي کان گهٽو علم حاصل ڪيو. جنهن لاءِ هوند
ٻين کي ڪيترا سال لڳي وڃن.

عبيدالله سنڌيءَ جي اِها خواهش هئي ته هو وقت جي
جيترن وڏن عالمن ۽ اُستادن کان علم حاصل ڪري سگهي
اوترو سٺو. ان ڪري هن ديوبند کان بعد گنگوه ۽ دهليءَ
مان مولوي رشيد آحمد گنگوهي ۽ مولوي عبدالڪريم کان به
تعليم حاصل ڪئي ۽ آخر ۾ پاڻ به وڏو عالم ٿي ويو.

پيارا ٻارو! آوهان ماڪيءَ جي مک کي ته ضرور ڏٺو هوندو
اوهان کي هيءَ به خبر آهي ته اُها ماڪيءَ جي مک ڪيتري نه محنت ۽
جاکوڙ ڪري گلن، ڦلن ۽ ٻوٽن مان رس چوسي ماکي
ٺاهيندي آهي. وڏا ۽ پيلا انسان به ماکيءَ جي مک وانگر ٿيندا

آهن. هـو ڪشالا ڪيي، وڏن وڏن عالمن ۽ اديبن سان ملـي، ڪائنن سٽيون ڳالهيون سکي ائين علم حاصل ڪندا آهن جيئن ماکيءَ جي مک ماکي ڏاهيندي آهـي. جهڙي ماکي مٺي ٿيندي آهي تهڙيون وري پلن ۾ محنتي ماڻهن جون عادتون سٺيون ٿينديون آهن.

پر گندا انسان وري عام رواجي مک جهڙا ٿيندا آهن. جيئن اُها عام رواجي مک گند ڪچري تي ويهندي آهـي، تيئن اهي گندا انسان بـه برن ماڻهن سان دوستي رکندا آهن. نتيجو پنهي جو هڪ جهڙو نڪرندو آهـي. عام رواجي مک جڏهن خراب شين تي ويهندي آهي تـه ڪيترا زهريلا جيوڙا سندن چنبن ۽ پرن کي لڳي پوندا آهن، پـوءِ اها مک جنهن بـه هنڌ تي ويهندي، اتي زهريلا جيوڙا ڇڏيندي آهي. جنهن مان ڪيتريون ئي بيماريون پئدا ٿـي پونديون آهن. اهڙي نموني سان گندو انسان جڏهن برن انسانن سان دوستي رکي ٿو تہ اتان ڪيتريون ئي بريون عادتون، زهريلي جيوڙن جيان هن کي ملن ٿيون. پوءِ هو جتي بہ وڃي ٿو انهن برين عادتن جو ٻج ڇٽي ٿو. اهڙي نموني سان ملڪ ۾ ماڻهن ۾ گنديون عادتون پکڙجن ٿيون.

هاڻي آسان جڏهن مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي ڏسون ٿا تہ هـو اسان کي ماکيءَ جي مک ـــــ جهڙو محنتي نظر اچي

Gul Hayat Institute

ٿو. هن هنڌين ماڳين وڃي، مشهور مدرسن ۾ استادن کان علم پرايو، جنهن جي نتيجي ۾ پلو انسان ٿي پيو. اسان کي به جيڪڏهن وڏو ۾ پلو انسان ٿيڻو آهي ته اسان کي به ماڪيءَ جي مک يا مولانا عبيدالله سنڌيءَ مثل محنت ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجو نالو روشن ڪرڻو پوندو. اچو ته اڄ اهو پڪو پهه ڪيون ته اسان کي به پلو انسان ٿيڻو آهي.

سنڌ ڏي واپسي!

پيارا ٻارو! ماڻهو علم ڇو ٿو حاصل ڪري ۽ هنر ڇو ٿو سکي؟ ڇا اِنهيءَ ڪري ته هو علم يا هنر مان ڪجهه ڪمائي پنهنجو پيٽ پالي؟ نه، ڪڏهن به نه. ڇو ته پيٽ پالڻ ڪو مسئلو ئي ڪونهي. جانور آهن، جن کي نه علم آهي ۽ نه هنر پوءِ به اُهي پيٽ پالن ٿا. جانورن کي ڪنهن به بکيو مرندي ڪونه ڏٺو آهي. ان مان ثابت ٿيو ته علم ۽ هنر پيٽ پالڻ لاءِ حاصل نه ڪيا آهن.

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته پلا علم ۽ هنر ڇو ٿو پرايو وڃي؟ ان جو جواب هيءُ آهي ته جيئن پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي خدمت ڪري سگهجي ۽ پاڻ به عزت جي زندگي گذاري سگهجي.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جڏهن علم پرايو، تڏهن کيس اچي خيال ٿيو ته هاڻي وطن ورڃي ۽ خلق جي خدمت ڪجي. جيئن ته سندس وطن سنڌ هو ۽ پاڻ کي "سنڌي" سڏائيندو

Gul Hayat Institute

هو، ان کري هن سنڌ ڏانهن موٽي اچڻ جو فيصلو ڪيو. پاڻ ١٨٨٩ع ۾ علم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ڇڏي هڪائين ۽ ١٨٩١ع ۾ وري موٽي آيو. پر هن دفعي سندس روحاني رهبر پيرچونڊيءَ جو بزرگ حافظ محمد صديق موجود ڪونه هو. ڇوته اُهو بزرگ سندس پهچڻ کان ٽه ڏينهن اڳ هيءَ فاني دنيا ڇڏي ويو هو.

مولانا عبيدالله سنڌي کي پنهنجي مرشد جي وفات تي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر قضا اڳيان ڪنهن جي ٿي هلي؟ موت ته برحق آهي ۽ ان کي موٽائي ته ڪونه سگهبو آهي. سندس مرشد کي ڏٺيءَ جو سڌ ٿيو ۽ هو راهه رباني وٺي هليو ويو.

پر سياڻن سچ چيو آهي ته جڏهن خزان گلن کي اُجاڙي ناس ڪري ڇڏيندي آهي، تڏهن عطر ۽ عرق اُنهن گلن جي سڪ لاهيندا آهن. اهڙي نموني سان جڏهن حافظ محمد صديق هيءَ جهان ڇڏي ويو، تڏهن مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي ساڳي خوشبوءِ مولانا تاج محمود اَمروٽيءَ مان اچڻ لڳي، جيڪو خود پيرچونڊيءَ واري مرحوم بزرگ جو دادلو ۽ خليفو هو. اِئين مولانا عبيدالله سنڌي پوءِ اچي اَمروٽ ۾ رهيو.

شادي خانه آبادي:

پيارا ٻارو! جڏهن اسان ڪائنات تي نظر ڦيرايون ٿا ته ٻن قسمن جون شيون نظر اچن ٿيون. هڪڙيون اُهي

Gul Hayat Institute

آهن، جن ۾ ڪو به اضافو نه ٿو ٿئي. اُنهن جو تعداد اڳــــ ۾ به اوترو هو ۽ بعد ۾ به اوتروئي رهندو. جيئن تارا ۽ پربت وغيره. اهڙين شين ۾ جوڙا جوڙا نه ٿيندا آهن.

دنيا ۾ ٻيون اهڙيون شيون آهن، جيڪي روز بـروز وڌنديون گھٽبيون رهن ٿيون، جيئن انسان، حيوان ۽ وڻ ٽڻ، اهڙين شين ۾ جوڙا جوڙا ٿيندا آهن. اهي جوڙائي شين جي تعداد ۾ اضافو ڪندا.

مرد ۽ عورت به اُنهن جوڙن مان هڪ آهي. دنيا جا مڙئي دين ۽ ڌرم اِها اجازت ڏين ٿا ته مرد ۽ عورت جو جوڙو پنهنجي رضا ۽ خوشيءَ سان، معاشري جي منظوري وٺي گڏجي رهن. اهڙي نموني گڏجي رهڻ کي پين لفظن ۾ شادي چئبو آهي.

وڏن وڏن بزرگن ۽ پڙهيل انسانن کي ڏسبو ته هنن جڏهن شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان وقت به سندن اڳيان به ڳالهيون رهيون آهن، پهرين ته اها شادي ڪهڙي ڄمار ۾ ڪئي وڃي، ۽ ٻي هيءَ ته شادي ڪڏهن سٺي ثابت ٿيندي؟ مولانا عبيدالله سنڌيءَ به تڏهن شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جڏهن هڪ طرف تعليم وٺي مڪمل ڪيائين ۽ ٻئي طرف ڪمائي ڪاٺ جهڙو ٿيو. سندس نڪاح سکر جي اسلاميه اسڪول جي اُستاد مولوي عظيم خان يوسف زئي جي ڌيءَ سان ٿيو.

**وچڙيا ملي ويا:**

پيارا پارو! اڳـــ ۾ اسين پڙهي آيا آهيون تہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جڏهن دين اسلام قبول ڪيو هو تڏهن وقتي طورتي ڪيس پنهنجي ماءُ منڙيءَ کان جدا ٿيڻو پيو. پر هاڻي اُهي حالتون ساڳيون نہ رهيون هيون. مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي وقت جو ناميارو عالم ۽ اسلام جو سچو سپاهي بڻجي چڪو هو. سڀ کان وڏيڪ تہ سندس شادي ٿي رهي هئي. اهڙو مناسب موقعو ۽ خوشيءَ جو وقت ڏسي مولانا عبيدالله سنڌيءَ ماءُ کي پنجاب مان گهرائي ورتو. جنهن هيبج ۽ خوشيءَ سان اچي پنهنجي لائق پٽ کي لائون ڏنيون. جڏهن جيبجل ماءُ پنهنجي پياري پٽ کي مان ۽ مرتبي وارو ڏٺو تڏهن گل جيان ٽڙي پئي. سندس جدائي جو غم ختم ٿي ويو، وچڙيا پاڻ ۾ ملي ويا ۽ پوءِ پاڻ ۾ گڏجي رهڻ لڳا.

**ادب تہ اهڙو:**

پيءُ ماءُ جا اولاد تي اڻ ڳڻيا احسان ٿين ٿا. پيءُ سڄو ڏينهن سک ۽ چين ڦٽائي، محنت ڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪمائي ٿو. ماءُ وري راتين جون ننڊون ڦٽائي ٻـارن کي سک ۽ سکون ڏئي ٿي.

ماءُ جي تہ اهڙي اهميت آهي جو دين اسلام اسان کي ڏسيو آهي تہ "جنت ماءُ جي پيرن هيٺان ڏنئي ٿي". جنهن

Gul Hayat Institute

ماءُ جو ادب ڪيو، تنهن جو سيڪيجهه ڪٿيو. پلن ۾ بزرگ انسانن ۽ والدين جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

مولانا عبيدالله سنڌي کي ته هڪ وڏو مسئلو درپيش هو پاڻ هو مسلمان ۽ سندس ماءُ وري هئي سک ڌرم جي پوئلڳ پر پوءِ به هن ڀلاري انسان ماءُ جي اهڙي خدمت ڪئي، جيڪا اسان لاءِ مثالي حيثيت رکي ٿي. مولانا عبيدالله سنڌي ماءُ جو وڏو خيال رکندو هو. وقت به وقت کيس سکن جي مذهبي عبادتگاهن ڏي ڏياري موڪليندو هو، ته جيئن پل وڃي پنهنجي طور طريقي سان ڏٽيءَ جي عبادت ڪري.

ڪڏهن ڪڏهن مولانا عبيدالله سنڌي جي ماءُ متس ناراض به ٿي پوندي هئي. سندس ناراضگي ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ حد کي وڃي پهچندي هئي، جو هن کي اهو خيال به نه رهندو هو ته هوءَ ڪنهن وڏي جمار واري اهڙي پٽ کي ماري رهي آهي، جنهن جا جڳ مداح آهن. هي بزرگ انسان چپ چاپ ماءُ جي ڪاوڙ سهي ويندو هو ۽ ڪڏهن به زبان مان اُف به نه ڪندو هو. واقعي پلن انسانن ۾ ڀلا گڻ ٿيندا آهن. ڀلا جنهن کي پڪ هجي ته ماءُ جي پيرن هيٺان جنت ٿيندي آهي، اُهو ڪيئن نه سندس ادب ڪندو.

**ٻلي ماڻهوءَ جو ڀلو ڪم:**

جڏهن انسان پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسي ته هن ۾

کھڙيون لياقتون ۽ صلاحيتون آهن، تـڏهن هن جو پهريون ۽ صلاحيتن
کم هيءَ آهي ته علم جي نور سان انهن لياقتن ۽ صلاحيتن
کي روشن ڪري. جيڪو ماڻهو علم حاصل ڪندو آهي، اُنهيءَ
جي چڻ اندر جون اکيون کلي وينديون آهن. هو برائي
۽ ڀلائي ۾ فرق ڪري سگهندو آهي. نيڪيءَ جي راهه تي
هلي سگهندو آهي ۽ پاڻ کان سواءِ ٻين کي برائين کان بچائي
سگهندو آهي.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ به پهرين پنهنجيءَ جي ۾ جهاتي
پاتي. هـو جڏهن پڙهندو هو، تـڏهن کيس دين اسلام ۾
سچائي نظر آئي، هن اُنهيءَ سچائيءَ کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه
ويـرم نه لاتي. ان کان پوءِ هـن محسوس ڪيو تـه سمورو
هندستان انگريـزن جـي غـلاميءَ ۾ نپوڙجـي رهيو آهـي.
انگريزن جـي بادشاهي مسلمانن لاءِ ڄڻ ڏکن جـا ڏينهن
آڻي ڇڏيا هئا. کين ڏنو وائنو پنـتي تي رکيو ويو. هنن لاءِ
علم جا دروازا بند ٿي رهيا هئا. هنرڄڻ هنن لاءِ حرام بڻايو
ويو هو.

اهڙين حالتن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي اِهو فيصلو ڪيو
ته هو علم حاصل ڪري، پوءِ علم جو نور ڪٺي ماڻهن تائين
پهچائيندو رهي. هن جڏهن تعليم وٺي مڪمل ڪئي تڏهن
تعليم جي پکيڙڻ جو فيصلو ڪيائين.

Gul Hayat Institute

چوندا آهن ته خير جي ڪم ۾ رب به راضي ته رب جا پيلا پانڌوا به خوش. سو مولانا عبيدالله سنڌي اڌهيءَ ڪم ۾ اڪيلو ڪونه هو. مولانا تاج محمود امروٽيءَ جهڙو پيلارو بزرگ سندس سرپرست ۽ ساٿي بڻجي بيهي رهيو. هن بزرگ ڪيس هڪ شاندار ڪتب خانو قائم ڪري ڏنو ته جيئن مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي مطالعي کي جاري رکي سگهي. ان کان سواءِ کيس هڪ پريس به هٿائي ڏني، ته جيئن مولانا عبيدالله سنڌي جو ڪجهه پڙهيو آهي، انهيءَ جي روشني ۾ ڪتاب لکي ۽ عوام کي علم جي نور جي سوغات ڏئي.

اِئين پريا اَٺ سال مولانا عبيدالله لکڻ پڙهڻ ۽ غور فڪر ۾ گذاريا. ان کان پوءِ هن محسوس ڪيو ته سنڌ کي چڙهي وڃي هند جي حالت کي به ڏسي اچجي، ان ڪري پاڻ ٿوري عرصي لاءِ ديوبند هليو ويو.

پهريون قدم!

مولانا عبيدالله سنڌي امروٽ ۾ جيڪي اَٺ سال گذاريا اُهي سندس زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. هن جڻ ديوبند مان علم حاصل ڪري پنهنجي اندر وارين لياقتن ۽ صلاحيتن کي پاڙي ڏنو هو. جڏهن سندس لياقتن جو سلو سائو ٿيو تڏهن امروٽ ۾ اچي آباد ٿيو. امروٽ واري زماني ۾ اهو سائو سلو جڻ وڏي وڻ ٿيو. هاڻي انهيءَ وڻ جو ميوو پين

تائين پهچائڻو هو، ان ڪري مولانا عبيدالله سنڌي اچي ڳوٺ پير جهنڊي ۾ ”دارالارشاد“ نالي هڪ مدرسو قائم ڪيو.

هن وقت به مولانا عبيدالله سنڌي اڪيلو ڪونه هو. سنڌ ته صدين کان وٺي علم دوستيءَ ۽ ادب پروريءَ جو مرڪز پئي رهي آهي، ان ڪري مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي هٿين خالي هوندي به گهڻو ڪجهه ملي ويو. پير جهنڊي جي راشدي بزرگن سندس مڪمل سرپرستي ڪئي. زمين ۽ زر کان سواءِ هنن سندس علمي، عملي ۽ اخلاقي مدد پڻ ڪئي هتي به مولانا عبيدالله سنڌي کي هڪ عاليشان ڪتب خانو قائم ڪري ڏنو ويو. جنهن ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ناياب ڪتاب گهرائي گڏ ڪيا ويا هئا. مولانا عبيدالله سنڌي انهن حالتن ۾ علم جو نور پکيڙڻ شروع ڪيو.

**بهترين اُستاد:**

چوندا آهن ته سڀڄو ماڻهو جڏهن سخاوت جون ڳالهيون ڪري ته هٿي ۽ لکن لٽائڻ جون ڳالهيون ڪري ته هن جهڙو پيو ڪو ڀٽاڪي تي نٿو سگهي. سخاوت ته اُڌهيءَ کي چئبو آهي جڏهن ڪيسو به ڀريل هجي ۽ هٿ به کليل هجي. جڏهن ماڻهوءَ کي سموريون سهولتون به حاصل هجن ۽ پاڻ به قوه جوانيءَ ۾ هجي، تڏهن جيڪڏهن تقويٰ ڪري ۽ زندگي سادگي سان گذاري ٿو، تڏهن هن جهڙو مثالي ماڻهو ٻيو وري ڪبير ٿي سگهي ٿو!

Gul Hayat Institute

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جڏهن پير جهنڊي ۾ مدرسو قائم ڪيو، تڏهن پور جوانيءَ ۾ هو. سفيد ۽ منور چهرو، ڪاري ۽ ٿونڊڙ سونهاري، وڏيون ۽ رعبدار اکيون، جانٺو جوان، ڏسڻ سان چگن پلن جو ڏيرڏري پوي. پوءِ به رهڻي ڪهڻي اهڙي جڻ هن جهان ۾ هڪ رات جو مهمان ٿي آيو هجي.

سندس ڪپڙا به وري ڪهڙا هوندا هئا: فقط هڪ وڏو چولو ۽ ننڍي شلوار، مٿي تي به ٽِـي هٿ ڊگهو پٽڪو ۽ بس. ڪانچ ۽ قميص ڏوئي ته پٽڪو هيٺ تي ٻڌي! پٽڪو ۽ چولو ڌوئي ته ننڍي شلوار هيٺ ٿي!! هيترن شاگردن هوندي به پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڌوئي!

سندس رهڻ جو ڪمرو به ننڍو ۽ سهڻو هوندو هو. ڪمري ۾ هڪ تـڏو ۽ چِنل ڪٺ پيل هوندي هئي، جنهن تي به ڪتابن جا ڍيگـــ ستيل هوندا هئا.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو سمورو وقت ورهايل هوندو هو ۽ انهيءَ ورهاست مطابق ئي زندگي گذاريندو هو. شاگردن سان تـ سندس آزلي پيار هوندو هـو. هـرڪو پيو ائين ڀائيندو هو ته مولانا عبيدالله سنڌي سندس ڏي ئي مهربان آهي. پاڻ ڪي جيڪو پگهار ملندو هوس اُهو ضرورت مند شاگردن ۽ استادن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. وقت بوقت شاگردن کي سير سفر تي نديءَ ڪناري يا ڪنهن ٻئي ڏسڻ جهڙي هنڌ

تي وڃي ويندو هو. جيڪڏهن سنڌونديءَ تي وڃي ويندو هئن ته شاگردن کي پلو ضرور ڪارائيندو هو.
انهيءَ مدرسي ۾ شاگردن کي عربي، فارسي، مذهب، فلسفي ۽ انگريزيءَ کان سواءِ جدا گاله پڙهائي ۽ سيکاري ويندي هئي، اها هئي وطن دوستي. مولانا عبيدالله سنڌي هي مدرسو انهيءَ ڪري قائم نه ڪيو ته اتان شاگرد رڳو ڏگريون يا سند ن جون گڏيون ٻڌي نڪري وڃن، پر هي مدرسو انهيءَ ڪري ڏاهيو ويو هو ته جيئن اهڙا عالم ۽ ڄاڻو پيدا ڪيا وڃن، جيڪي اڳتي هلي انگريز سامراج ۽ ڌاريئين حڪمران سان ٽڪر ڪائين ۽ پنهنجي وطن کي غلامي مان آزاد ڪرائين.

هڪ خواب جو تعبير:

آڌ نو سال مولانا عبيدالله سنڌي اِئين انقلابي انسان پيدا ڪندو رهيو، تان جو هڪ ڏينهن سندس استاد شيخ الهند مولانا محمودالحسن طرفان ڪيس خط پهتو ته ڪراچي واري مولانا محمد صادق سان گڏجي اچي ديوبند پهچ.
مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا محمد صادق ڪڏي وارو، جڏهن پنهنجي استاد جي سڏ تي وڃي ديوبند پهتا ته شيخ الهند کين گڏ ويهاري ڳاله چوري. شيخ الهند کين چيو ته: "گهڻي وقت کان منهنجي جيءَ کي اها جهوري لڳل

هئي ته ديوبند جو مدرسو جنهن مقصد لاءِ قائم ڪيو ويو هو
اُهو حاصل نٿو ٿئي؛ هي مدرسو اِنهيءَ ڪري قائم ڪيو ويو
ته ڌارئين حڪمران کان ١٨٥٧ع واري واقعي جو پلئه ورتو
وڃي ۽ هندستان کي آزاد ڪرايو وڃي. آئون اِنهيءَ ڳڻتي
۾ هئس ته مدرسي ۾ اهڙو روح ڪيئن ڦوڪيو وڃي ته هڪ
رات مون خواب ۾ ڏٺو ته سنڌ مان ڪنهن بزرگ اچي
منهنجي مدد ڪئي آهي. خواب ۾ جنهن بزرگ کي ڏٺو هئم
اُهو اوهان پنهنجي جهڙو هو. هاڻي مهرباني ڪري اوهان منهنجي
مدد ڪيو."

پنهنجي استاد جي اِها ماجرا ٻڌي، پنهنجي لائق شاگردن
ساڻس وعدو ڪيو ته هو سندس خواب کي سچو ڪري
ڏيکاريندا؛ ۽ واقعي ٿيو به ائين. پنهنجي شاگردن وطن جي آزاديءَ
خاطر اُهي قربانيون ڏنيون، جيڪي اسان جي آزاديءَ جي
تاريخ جو هڪ سونهري باب آهن.

جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ جا ورق ورائبا ته معلوم
ٿيندو ته هن ڏيهه جي ڪيترن ڀلارن بزرگن وطن جي آزاديءَ
۽ ماڻهن جي ڀلي خاطر تن، من ۽ ڌن جون قربانيون ڏنيون
آهن. مثال طور مخدوم بلال انهيءَ ڪري گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو
۽ شاهه عنايت کي ساڳئي ڳالهه ڪري شهادت قبول ڪرڻي پئي.
اهڙي نموني سنڌ ۾ اهڙا عالم به پيدا ٿيا آهن، جن ڪوششون

Gul Hayat Institute

وڏي ملڪ ۾ اسلامي نظام قائم ڪرايو. اهڙن عالمن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو نالو قابل ذڪر آهي.
سنڌ جيان هند ۾ به ساڳيي قسم جا عالم ۽ بزرگ ٿي گذريا آهن، جن مان شاهه ولي الله جو نالو سڀ کان مٿاهون آهي.
انهن سمورن بزرگن جنهن مقصد لاءِ ڪوششون ڪيون، تنهن کي وري حاصل ڪرڻ لاءِ شيخ الهند ۽ مولانا عبيدالله سنڌي گڏجي ڪم جو منصوبو تيار ڪيو.

هڪ جماعت ٺاهي وئي:

ڪيتري وقت کان وٺي شيخ الهند، هند ۾ ۽ مولانا عبيدالله سنڌي سنڌ ۾ هم خيال ماڻهو پيدا ڪري چڪا هئا. هاڻي اها وقت جي ضرورت هئي ته انهن ماڻهن کي هڪ جماعت جي شڪل ۾ گڏ ڪيو وڃي. ان ڪري ١٩٠٩ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ديوبند ويو ۽ اُتي پنهنجي استاد جي ساٿ سان "جمعيت الانصار" نالي هڪ جماعت قائم ڪيائين، جنهن جو پاڻ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.
جماعت جي نالي مان ئي ان جو مقصد ظاهر ٿئي ٿو. "جمعيت الانصار" جي معنيٰ آهي "قرباني ڏيندڙن جو ٽولو"، يعني ته هي جماعت انهيءَ ڪري قائم ڪئي وئي هئي ته دين ۽ وطن جي شان ۽ مان کي مٿي ڪرڻ لاءِ اهڙن ماڻهن کي گڏ ڪيو وڃي، جيڪي وقت اچڻ تي تن، من ۽ ڌن جي قرباني ڏين.

Gul Hayat Institute

پريا چار سال، مولانا عبيدالله سنڌي ديوبند ۾ رهي انهيءَ جماعت لاءِ ڪم ڪندو رهيو. جڏهن پيڙه جو پٿر رکيو ويو، تڏهن اڳتي قدم کنيو ويو.

اڳتي قدم ڪهڙو؟

اُنهيءَ زماني ۾ سنڌ توڙي هند جا مسلمان ٻن ٽولن ۾ ورهائجي ويا هئا. هڪڙن جو خيال هو ته رڳو انگريزي تعليم ورتي وڃي ۽ ٻين جو خيال هو ته انگريزيءَ بدران عربي ۽ فارسيءَ ۾ ديني تعليم حاصل ڪئي وڃي. پر اها وقت جي ضرورت هئي ٻنهي قسمن جو علم حاصل ڪيو وڃي ته جيئن دين سان گڏ دنيا جي ڪاروبار ۾ به ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي.

اِنهيءَ مقصد کي آڏو رکي مولانا عبدالله سنڌي ١٩١٣ع ۾ دهليءَ وڃي "نظارة المعارف" نالي هڪ مدرسو قائم ڪيو. هن مدرسي ۾ ٻن قسمن جا شاگرد داخل ڪيا ويا. اُنهن مان هڪڙا هئا ديني عالم ۽ ٻيا هئا انگريزي پڙهيل. هن مدرسي جي شاگردن کي ماني ٽڪي ۽ رهائش کان سواءِ ماهوار ڪجهه ڏوڪڙ به ڏنا ويندا هئا.

هي مدرسو مولانا عبيدالله سنڌيءَ طرفان مسلمانن جي سياسي تربيت جي پهرين بامقصد ڪوشش ثابت ٿيو. جڏهن انگريزن خلاف ڪو به ماڻهو ٻڙڪ به ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تيار نه

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 40



نه هو. تڏهن مولانا عبيدالله سنڌي وائسراء جي تخت گاه ۾ ويهي اُنهن خلاف آزاديءَ جي لاٽ ٻاري. سچ پچ ته مولانا عبيدالله سنڌي جڻ اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ظالم حڪمران خلاف جدوجهد ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نه آهي.

انهيءَ عرصي دوران مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي هندستان جي ڪيترن ئي مسلمان اڳـواڻن سان ڏيـڻ ڏيـڻ ٿي، جن مان حڪيم اجمل خان، نواب وقارالملڪ، ڊاڪٽر انصاري ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد جا نالا ذڪر ڪرڻ لائق آهن.

ادب ڪان امر وڏو:

پيارا ٻارو! چيو ويندو آهي ته "اَمـر وڻ آهي ۽ ادب اُن جو ميوو آهي." ان ڪري اَمر ميڻ ڪان سواءِ ڪوبه ماڻهو اَدب جو ميوو ڪائي نٿو سگهي. مثال طور: جيڪڏهن اسان وٽ ڪو اهڙو ڪتاب آهـي جنهن ۾ پليون پـليون نيڪ نصيحتون لکيل آهن. اسان اُن ڪتاب جو ادب ته ڪيون مگر اُن ۾ لکيل ڳالهين تي عمل نه ڪيون. يـا ڪٿي ائين چئبي ته اُن ڪتاب جـو اَمـر نه ميڃون تـه اسان جو ادب ڪهڙي ڪم جو؟ اهڙي نموني سان جيڪڏهن اُستاد جو ادب ته ڪجي. مگر سندس چيو آکيو نه ميڃجي ته اهڙو ادب ڪهڙو؟
مولانا عبيدالله سنڌيءَ جـي حياتي ۾ به هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو ڪيس اُستاد جي حڪم اڳيان ڪجهه به ڪيڇڻو

نہ پيو. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي مرضي هئي تہ ملڪ جي ماڻهن ۾ سچائي اڀري تہ جيئن هو پاڻ آزادي وٺي سگهن. مگر سنڌس اُستاد جو خيال هو تہ هو ملڪ کان ٻاهر نڪري وڃي ۽ ٻاهرين ملڪن جي مدد سان هندستان کي تڪڙي آزادي وٺي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري. مولانا عبيدالله سنڌي سمجهي پيو تہ آزادي ڪا سوغات يا سوکڙي ڪانہ آهي، جيڪا ٻين ملڪن جي مهرباني يا مدد سان ملي سگهندي؛ پر پوءِ بہ هو پاڻ اُستاد جي امر اڳيان نہ آيو ۽ استاد شيخ الهند جو حڪم مڃي ڪابل وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو.

حڪومت کي ڪڙڪ پئجي وئي:

مولانا عبيدالله سنڌي ويهن پنجويهن سالن کان وٺي عوام کي بيدار ڪري رهيو هو ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ ڏينهن رات محنت ۾ مشغول هو. چيو ويندو آهي تہ "ناحق کي پيل بندوقون هجن ۽ حق چونہ هٿين خالي هجي، پر پوءِ بہ ناحق، حق کان ڊڄندو آهي." سو هتي بہ ڳالهہ ساڳي هئي. مولانا عبيدالله سنڌي، سندس استاد ۽ ٻيا ساٿي هيا تہ هٿين خالي، پر مضبوط ۽ طاقتور حڪومت بہ ڪانئن ڊڄي وئي. جيئن تہ مولانا عبيدالله سنڌي کليءَ طرح سان ڪم ڪري رهيو هو، اُن ڪري حڪومت ڪيس گرفتار ڪرڻ جو منصوبو سٽيو.

مولانا عبيدالله سنڌي بہ انگريز سرڪار جي انهن چالبازين

Gul Hayat Institute

کان بي خبر ڪونہ هو، ان ڪري هـو وجهہ وٺي سنڌ ڏانهن هليو آيو. سنڌ ۾ سموري تياري ڪري، سنگت کان موڪلائي ڪابل ڏانهن روانو ٿيو.

سنڌ ۾ انگريزن خلاف نفرت اوج تي وڃي رسي هئي. ان ڪري ماڻهن مـولانا جـي وس پڄي وڏي مـدد ڪئي. مولانا تاج محمود امروٽيءَ تہ ڪمال ڪري ڏيکاريو. هن بزرگ جيءَ جو جوکو کڻي مولانا عبيدالله سنڌي جي هڙئون وڙئون بہ مدد ڪئي ۽ کيس سرحد ٽپرائي ڇڏي.

انگريزن جي سامراجي سرڪار کي جو خبر پئي تہ مولانا عبيدالله سنڌي هندستان ڇڏي وڃي ڪابل پهتو آهي، تڏهن پنهنجي ڪوڙيءَ طاقت تـي ڏاڍو شرمسار ٿـي. مگر پوءِ بہ انهي گهڻا حيلا هلايا.

مولانا سنڌي جڏهن ڪابل پهتو هـو، تڏهن اُتـان جـو حڪمران امير حبيب الله خان هو. انگريز سرڪار امير حبيب الله خان تي زوربار رکيو تہ مولانا عبيدالله سنڌي کي ان جي حوالي ڪيو وڃي. انگريز سرڪار جون جڏهن اُهي اُميدون پوريون نہ ٿيون، تڏهن انهيءَ اعلان ڪيو تـہ جيڪو مولانا عبيدالله سنڌي کي قتل ڪندو، تنهن کي ڏهہ هزار روپيا انعام ڏنو ويندو.

جڏهن لالچ بہ ماڻهن کي برغلائي نہ سگهي، تڏهن انگريز سرڪار هڪ نئين چال ڪيڏي ۽ ڪن پاڙيتو ماڻهن هٿان اهو

Gul Hayat Institute

هلا يو تہ مولانا عبيدالله سنڌي انگريزن پاران افغان حڪومت جي جاسوسي ڪرڻ آيو آهي.

سچ جي ڳالهہ:

جڏهن مولانا سنڌيءَ کي اِها خبر پئي تہ پاڻ وڃي حڪمران جي دربار ۾ پهتو. اُتي هن اها صلاح ڏني تہ کيس حال في الحال جيل ۾ بند ڪيو وڃي ۽ پروسي وارن ماڻهن کي هندستان موڪليو وڃي. جيڪي اُتان وڃي حال احوال لهي اچن. جيڪڏهن اُهي موٽي اچي شاهدي ڏين تہ مولانا عبيدالله سنڌي ڏوهي آهي تہ ان لاءِ کيس مناسب سزا ڏني وڃي، پر جيڪڏهن الزام ڪوڙو ثابت ٿئي تہ هن کي آزاد ڪيو وڃي.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي اِها ڳالهہ سڀني درٻارين کي وڻي. وقت جي حڪمران کيس وقتي طور تي نظربند ڪرايو ۽ پنهنجا ماڻهو هندستان ڏياري موڪليا. انهن ماڻهن جاچ پڙتال ڪري، واپس افغانستان وڃي حڪمران کي اطلاع ڏنو تہ مولانا عبيدالله سنڌي انگريزن جو دشمن آهي ۽ انگريزن کيس بدنام ڪرڻ لاءِ اها چال ڪيڏي آهي. اِهو پڌرو ٿيڻ شرط سندس بند خلاص ڪيا ويا، ۽ کيس ڪليءَ طرح پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي.

چيو ويندو آهي تہ ”سچ تہ بيٺو نچ“؛ سو پيارا ٻارو!

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جا هيڏي ساري سچ جي ثابتي ڏني
اُن تي افغانستان جا امير ۽ درباري مولانا تي ڏاڍو راضي
ٿيا. هو اتي جيڪا به ڳالهه ڪندو هو، ان تي ڪنهن شڪ
ڪرڻ کان سواءِ اعتبار ڪندا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ افغانستان
جو حڪمران امير حبيب الله قتل ٿي ويو ته مولانا عبيدالله
سنڌيءَ جي صلاح ۽ پين درٻارين جي مشوري سان امير
امان الله خان تخت تي ويٺو.
افغانستان جو نئون حڪمران مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو
وڏو ادب ۽ احترام ڪندو هو. مولانا ڪنهن روڪ ٽوڪ کان
سواءِ سائنس ملي سگهندو هو ۽ ڪيس حڪومت جي ڪاروبار
۾ صلاح مشورو ڏيندو هو. اهڙي نموني سان مولانا عبيدالله
سنڌي اُتي جڙ حڪومت جو خاص صلاحڪار بڻجي ويو.

ساٿ ته ههڙو؟

پيارا ٻارو! اڪثر ڪري اِئين ٿيندو آهي ته عام ماڻهو
سکن ۾ ته ساٿ ڏيندا آهن، ليڪن ڏکن جي ڏينهن ۾
ڏور ڀڄي ويندا آهن. ليڪن ڀلارا ۽ بزرگ اِنسان سک توڙي
ڏک ۾ ساٿ ڪونه ڇڏيندا آهن. بلڪل اِئين، جيئن مولانا
عبيدالله سنڌيءَ ڪيو.
ٿيو اِئين جو سنت پوءِ انگريزن ۽ افغانن جي پاڻ ۾
جنگ لڳي. اِها جنگ ”ٻڪا جي جنگ“ جي نالي سان مشهور

Gul Hayat Institute

آهي. هن جنگ ۾ مولانا عبيدالله سنڌي اُهي ڪارناما سرانجام ڏنا، جن انگريزن جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا. سموري جنگ جي حڪمت عملي مولانا عبيدالله سنڌي ئي تيار ڪئي. هن جنگ ۾ جرنيل جي حيثيت سان ڀرپور ورتو ۽ ان کان پوءِ "جرنيل عبيدالله سنڌي" جي نالي سان اپٽرو ته مشهور ٿي ويو جو افغانستان جو ننڍو ٽوڙي وڏو ڪيس اِنهيءَ نالي سان سڏيندو هو.

هن جنگ ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ انگريزن کي اهڙا ته ٽوٽا چٻايا جو ڪين شڪست ڏسڻي پيئي ۽ اُن جي نتيجي ۾ افغانستان هميشه هميشه لاءِ انگريزن جي اُره زورائين کان ڇٽي پيو. مولانا عبيدالله سنڌي انهيءَ جنگ ۾ ايڏو ته پنهنجو علم ۽ عقل هلايو، جو انگريزن کي اها سڌ ئي نه رهي ته اُنهن خلاف ڪير وڙهي رهيو آهي. جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن انگريزن کي مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي بهادري ۽ ڪارنامن جي خبر پئي، تڏهن اُنهن مان ڪيترن چڱن ڀلن چيئي ڏنو ته "آسان کي شڪست مولانا عبيدالله سنڌي ڏني آهي؛ نه ته آسان ڀين آڳيان جهڪڻ وارا ڪونه هئاسين."

سنڌ ۽ هند ۾ ڇا ٿيو؟

مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن هندستان ڇڏي وڃي ڪابل

پهتو، تڏهن هنان جي حالتن ۾ وڌو ڦيرو اچي ويو. اُنهي ئي زمانو ۾ دنيا ۾ پهرين وڏي لڙائي لڳي، جنهن کي "پهرين مهاڀاري لڙائي" به سڏيو ويندو آهي. انهيءَ جنگ ۾ انگريز به شريڪ ٿيو، جيڪو هندستان جو به حڪمران هو.
پيارا ٻارو! اها ته اسان کي خبر آهي ته جنگ ۽ جهيڙي جو نتيجو نقصان ئي ٿيندو آهي. جيڪو جنگ هارائيندو آهي اُنهيءَ جو ته هڙئي تباهه ٿي ويندو آهي؛ پر جيڪو جنگ کٽندو آهي، گهٽ نقصان اُن جو به ڪونه ٿيندو آهي؛
انگريز سرڪار هن جنگ ۾ شامل ٿي، جنهن پنهنجي جهوليءَ ۾ ڏاڍا وڏا هئا. هندستان جو ناڻو ۽ مال هن جنگ جو ٻل ٿي ويو. سنڌ ڏوڙي هند ۾ شين جي ڪوٽ ٿي وئي ۽ قيمتون وڃي آسمان سان لڳيون. اهڙين حالتن ۾ ماڻهو نسوريءَ مصيبت ۾ اچي ويا.
وري ٿيو ائين ته هندستان جي مختلف پرڳڻن ۾ ڪالرا (پليگ) جي موذي مرض ۽ ٽڪ اچي منهن ڪڍيو آهي ته جنگ جا نتيجا هئا، جيڪي اڃ نه سپاهي ضرور ظاهر ٿيڻا هئا. ذڪر ۽ پاپڙ پليگ به اڻ ڳڻين انسانن کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو ۽ ماڻهو ملڪ جي حڪمرانن تي ناراض ٿي پيا.
پيارا ٻارو! انسان جڏهن ڏکي هوندو آهي ۽ هن جي

جڏهن جنگ ختم ٿي ته انگريز سرڪار بين اتحادي ملڪن سان ملي ترڪيءَ کي پاش پاش ڪرڻ جا منصوبا سٽيا، جنهن تي سنڌ ۽ هند جي مسلمانن ۾ غصي جي باهه ڀڙڪي اُٿي ۽ اُهي انگريز سرڪار جي خلاف ٿي بيٺا.

انهن سمورين حالتن هندستان ۾ وڳوڙ پيدا ڪري وڌو. حڪومت حالتن تي ضابطي رکڻ لاءِ "رولٽ ائڪٽ" جي نالي سان ڪارو قانون پاس ڪيو. هن قانون مطابق حڪومت ماڻهن تي ظلم ڪرڻ لڳي. ڏوهه پڌائڻ يا الزام ثابت ٿيڻ کان سواءِ ماڻهن کي پڪڙي جيلن ۾ وڌو ويو. ڪيترن جون جائدادون ضبط ڪيون ويون ۽ ماڻهن تي ڳرا محصول مڙهيا ويا.

ماڻهن جو ڏنو ته حڪومت نه رڳو وعدا ڪري ڦري ويئي آهي، بلڪ مٿن ڏاڍ ۽ ڏمر به ڪري ٿي؛ ته اُهي حڪومت جي خلاف ٿي بيٺا. حالتون وڃي انهيءَ موڙ تي پهتيون، جو پنجاب جي جليانوالا باغ ۾ جنرل ڊائير هڪ ماڻهن جي ميڙ تي ڪٽي گولين هلائڻ جو حڪم ڏنو. هن نسوري ڪوس ۾ ڪيترائي بي ڏوهي انسان آجل جو شڪار ٿي ويا.

پوءِ هندستان جي مڙني مسلمانن ملي خلافت تحريڪ جي نالي سان هڪ تحريڪ هلائي. سنڌ جي ايڪڙ ٻيڪڙ عالمن، پيرن ۽ زميندارن کان سواءِ باقي سموري عوام هن

تحريڪ ۾ حصو ورتو. هندين ماڳين حڪومت خلاف جلسا ٿيڻ لڳا ۽ ماڻهن ترڪن جي همدرديءَ ۾ ڪيترائي جلوس ڪڍيا. ماڻهن ۾ حڪومت خلاف اينري نه نفرت ۽ بيزاري پيدا ٿي پئي جو پهرين هنن سرڪاري خطاب، لقب، آفرين ناما ۽ ڪرسيون ڇڏي ڏنيون. ان کان سواءِ ڪيترن مڪتبن جي مولوين سرڪاري گرانٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪيترن نه سرڪاري نوڪريون به ڇڏي ڏنيون. ڪن ماڻهن کي جو خيال آيو نه ڪٽي ملڪ ڇڏڻ جو فيصلو ڪياؤن ۽ هجرت ڪري افغانستان هليا ويا، جتي مولانا عبيدالله سنڌي اڳ ۾ ئي موجود هو.

مولانا سنڌي ڪابل ۾ ڇا ڪيو؟

پيارا ٻارو! اسان اڳ ۾ پڙهي آيا آهيون نه مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل ۾ وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏئي رهيو هو. هن ٻڪا جي جنگ ۾ انگريزن خلاف جوهر ڏيکاريا ۽ خاص صلاحڪار جي حيثيت سان امير امان الله خان جي مدد ڪئي. انهيءَ سان گڏوگڏ هن وطن کي به ڪونه وساريو هو. ڪيس خبر هئي نه سندس وطن ۽ هم مذهب بي چيني ۽ غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل هئا. هندستان جون سياسي حالتون ڪيترن ماڻهن کي مايوس ڪري ڇڪيون هيون. طاقتور ۽ ڏاڍي حڪمران ماڻهن کي پاڙ ۾ ويڙهائي پنهنجي حڪومت

Gul Hayat Institute

مـولانا عبيدالله
کي مضبوط ڪري ڇڏيو هو. اهڙين حالتن ۾
سنڌي ڪيئن پٽي چپ ڪري ويٺو. هو راتين جون ننڊون
ڦٽائي ۽ ڏينهن جي آرام کي وساري اهـڙي راه ڳولڻ لڳو،
جنهن مان ملڪ ۽ ماڻهن کي فائدو رسي.

سڀ کان پهريون هن ڪوشش ورتي ٻاهـر رهندڙ ملڪي
ماڻهن جي هڪ جماعت ٺهرائي، جنهن جو پاڻ صـدر مقرر ٿيو.
اِها مولانا عبيدالله سنڌي جي پهرين ڪامياب ڪوشش هئي
جنهن کي خود هندستان ۾ موجود سياستدانن به خوب ساراهيو.
اُن کان پوءِ مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي دوستن سان گڏجي
هڪ "جلاوطن حڪومت" قائم ڪئي.

اُنهيءَ زماني ۾، جڏهن انگريز شهنشاهيت جو رعب ۽ دٻدٻو
ملڪان ملڪ مشهور هو ۽ هرڪو پيو اُن کان ڪئه ڪائيندو هو،
تڏهن اُن جي بادشاهيءَ کي ٺمڻ ۽ اُنهيءَ جي مقابلي ۾ هندستان
جي جلاوطن حڪومت قائم ڪرڻ ڪا سٿري ڳالهه ڪانه هئي؛
مـولانا عبيدالله سنڌيءَ جـي اِهـا وڏي کان وڏي سياسي
ڪاميابي هئي.

"آزاد هند جلاوطن حڪومت" جـي قائـم ٿيڻ کان پوءِ
مولانا عبدالله سنڌيءَ جو ڪم ڪجهه حد تائين سولو ٿي پيو
هڪ طرف دنيا جي حق پسند حڪومتن هندستان جي مسئلي
طرف توجه ڏنو ۽ ٻئي طرف وري سڄي هند جي عوام جا
حوصلا بلند ٿيڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

مولانا عبيدالله سنڌيءَ پيو مکيه ڪم هي ڪيو جو "جنود ربانيه" جي نالي سان ڪٽي هڪ فوج جوڙڻائين. هن فوج ۾ سنڌ مان مولانا تاج محمود امروٽي، مولوي محمد صادق ڪڏي وارو، شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي ۽ علامه اسدالله شاهه ٽکڙائيءَ ۽ ٻين کي خاص عهدا ڏنائين. مولانا عبيدالله سنڌي، سندس استاد مولانا محمودالحسن ۽ سندن ساٿين جي اِها مرضي هئي ته هڪ طرف هندستان اندر انگريز سرڪار خلاف بغاوتون ڪرايون وڃن ۽ ٻئي طرف ٻاهران ترڪي ۽ افغانستان کان هندستان تي حملو ڪرايو وڃي. اهڙين حالتن ۾ انگريز سرڪار مجبور ٿي پوندي ۽ ملڪ مان ٽڙجي ويندي.

انهيءَ سلسلي ۾ مولانا عبدالله سنڌي ۽ سندس ٻين ساٿين روس، ترڪي ۽ جرمنيءَ جي حڪومتن سان رابطو قائم ڪيو. پر جيئن ته پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ ترڪيءَ کي شڪست آئي هئي، ان ڪري ڳالهه ڍڪي ٿي پئي ته ترڪي هندستان تي حملو ڪري.

پر انهن عظيم انسانن کي وڏو مسئلو هي آڏو آيو ته مولانا عبيدالله سنڌي وقت به وقت پنهنجي هندستاني ساٿين کي پنهنجي منصوبن کان ڪيئن واقف ڪندو رهي. جيئن ته انگريز سرڪار مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندس دوستن جي اُٿڻي ويهڻي تي ڪڙي نگاهه رکندي هئي، ان ڪري مولانا

Gul Hayat Institute

عبيدالله سنڌيءَ اک چپ ۾ اهڙا سنيها ۽ پيغام هندستان ڏي ڏياري موڪليندو هو.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ خاص سياڻپ هي ڪئي جو هڪ ماڻهوءَ کي ريشمي رومالن جي واپار ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. اُهو ماڻهو افغانستان مان ريشمي رومال ڪٺي هندستان ويندو هو. مولانا سنڌي اُنهن رومالن تي پنهنجو پيغام اُڪائي ڇڏيندو هو. سنڌس ماڻهو واسطيدار ذر تائين اُهي خاص رومال پهچائيندو هو.

سنڌ "سنڌيءَ" جي مدد ڪئي!

جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي هندستان تي حملي ڪرڻ لاءِ نقشا تيار ڪيا، ۽ سنڌ ٽوڙي هنڌ ۾ بغاوت جا مرڪز مقرر ڪيا، تڏهن حملي ۽ بغاوت جي هڪڙي تاريخ مقرر ڪري اُنهيءَ کي ريشمي رومال تي اُڪائي هندستان ڏانهن ڏياري موڪليائين.

اُهو ماڻهو، جيڪي خاص رومال ڪٺي اچي رهيو هو، سو جڏهن پنجاب ۾ پهتو، تڏهن حڪومت کي خبر پئجي وئي، حڪومت حال في الحال ڪٺي ڳالهه لڪائي ته جيئن رومالن جو پيڇو ڪري، وچي مکيه باغين کي پڪڙي. اُهي رومال جڏهن حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم وٽ پهتا ته پوليس اچي سندس گهر کي گهيرو ڪيو، مگر هو مرد مجاهد پوليس کي اکين ۾ ڌوڙ وجهي ڪائڻ ڀڄي ويو.

Gul Hayat Institute

ريشمي رومالن واري ڳالھ نہ کلي پئي؛ پر سڄي حکومت وائڙي ٿي وئي ۽ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندس ساٿين کيئن نہ ٿي جابر حکمران جون پاڙون پٽيون. انهي ڪانپوءِ سنڌ ٽوڙي هند ۾ گرفتاريون ٿيون. مولوي محمد صادق کڏي وارو اڳ ۾ جبل موڪليو ويو هو. ان ڪان پوءِ شيخ عبدالمجيد 'سنڌي' ۽ ٻين کي بہ گرفتار ڪيو ويو. هن طرف وري مولانا محمودالحسن کي پڪڙي ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏني وئي.

پوءِ بہ مايوس نہ ٿيو!

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جا سمورا هندستاني ساٿي گرفتار ٿي ويا. فرنگي سرڪار هوشيار ٿي وئي. مگر پوءِ بہ هي مانجهي مرد مايوس نہ ٿيو. انهيءَ ناڪاميءَ ڪان پوءِ ”هجرت تحريڪ“ هلي. سنڌ مان ڪيترا ماڻهو ”رئيس المهاجرين“ جان محمد جوڻيجي جي اڳواڻيءَ ۾ وڃي افغانستان پهتا هئا. مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو اڳ ۾ اُتي موجود هو، تنهن سندن دل سان خدمت ڪئي.

سنڌ ڪان سواءِ هند جي ڪيترن ماڻهن بہ هجرت ڪئي هئي جن ۾ ڪي سرڪاري جاسوس بہ موجود هئا؛ جن افغانستان وڃي، ڏقيڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جلدي واپس وري مهاجرن جي ڏکن سکن جون ڪوڙيون ۽ من گهڙت ڳالهيون ڪيون؛ ۽ ائين هي تحريڪ بہ ناڪام وئي.

Gul Hayat Institute

ء هڏ ڏوڪي

پيارا پارو! ملڪ ۽ ملت جا هو رڳو نيڪ نيتي رڳو محنت ۽ محبت ۾ ايمان رکندا آهن. ۽ خلوص سان ڪم ڪندا آهن. نتيجو ڪٽي دير سان نڪري پر هو اُن مان مايوس نه ٿيندا آهن.

هونئن به اُهي انسان جيڪي ترڙيءَ تي بهشت گهرندا آهن اُهي جلد ئي مايوس ٿي ويندا آهن. چو ته انسان جيئن چاهيندو آهي، ضروري نه آهي ته اُئين ٿئي. ان ڪري ماڻهو کي رڳو محنت ۽ محبت تي پروسو ڪرڻ گهرجي، باقي نتيجو ڏٺيءَ تي ڇڏڻ گهرجي.

مولانا عبيدالله سنڌي به عظيم انسانن مان هڪ هو. هن ست سال ڪابل ۾ رهي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪئي. حالتن سندس ساٿ نه ڏنو. مگر ان هوندي به هو مايوس نه ٿيو وري نئين جذبي ۽ نئين اُمنگ سان ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندو رهيو.

روس ڏانهن روانگي:

Gul Hayat Institute

پيارا پارو! دين اسلام جي تعليم مطابق "حڪمت مومن جي ميراث آهي" اُها ڪٿان به ملي، مومن کي حاصل ڪرڻي آهي "حڪمت" جي معنيٰ آهي ڄاڻ يا دانائي. سياڻا ماڻهو رڳو هڪ خطي يا هڪ هنڌ ڪونه ڄمندا آهن. هيءَ ڏٺيءَ جي دنيا عقلمندن سان ڀري پئي آهي. رڳو مسئلو هي آهي ته

ماڻهو محنت ۽ جاکوڙ ڪري ۽ عقلمندن ڏانئين پهچي.
اسان جي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو آهي
ته "علم حاصل ڪيو، پوءِ چونه ان لاءِ اوهان کي چين وڃڻو
پوي." هن حديث مان به اِها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته انسان
کي پنهنجي چوڌاري ليڪو ڪڍي، انهيءَ اندر ويهي مطالعو
۽ مشاهدو ڪرڻو ڪونهي؛ پر هي پوري ڪائنات انسان جي
مطالعي ۽ مشاهدي لاءِ آهي. اِهوئي سبب آهي جو قرآن پاڪ
۾ انسان کي هدايت ڪئي وئي آهي ته زمين تي گهمي ڦري
ڏسو ۽ آسمانن جي نظام سج، چنڊ ۽ تارن تي غور فڪر ڪيو.
جيڪو انسان دنيا تي نظر رکي ٿو، اهو هي اندازو
لڳائي سگهي ٿو ته دنيا ڪهڙيءَ رفتار سان هلي رهي آهي
۽ سنڌس ملڪ ان جي ڀيٽ ۾ اڳتي آهي يا پوئتي. اهڙي
نموني سان انسان کي ٻين قومن جي تجربن، ايجادن ۽
منصوبن جي به خبر پئجي ويندي آهي.

اِهوئي سبب هو جو مولانا عبيدالله سنڌيءَ ڪابل ۾ ست
سال رهڻ کان پوءِ روس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. مولانا سنڌي
روس ملڪ جي چونڊ اِن ڪري ڪئي جو ١٩١٧ع ۾ انهيءَ
ملڪ ۾ نئون ۽ ڪامياب تجربو ڪيو ويو هو. اڳ ۾ هن ملڪ
۾ زار گهراڻي جي بادشاهي هوندي هئي. گهڻي عرصي کان
وٺي اتان جو عوام ظالم حڪمرانن جي ڏاڍ ۽ ڏمر هيٺ

Gul Hayat Institute

بکري ته لاءِ کھي ويندا
پيڙھبو رھيو ھو. بادشاھ جبري ڪو خيال ڪونه
ھئا. پر عوام جي گھرجن ۽ ضرورتن جو
ڪندا ھئا. نيت ڏاڍي ۽ ڏمر کان تنگ اچي، اُتان جي پورھيت
طبقي پنھنجي بادشاھن خلاف بغاوت ڪئي ۽ انقلاب آڻي
۱۹۱۷ع ۾ ملڪ ۾ "پورھيتن جي حڪومت" قائم ڪئي. اتان
جي عوام ھيءَ ڪاميابي لينن جي اڳواڻيءَ ھيٺ حاصل ڪئي
ھئي، جيڪو اچا پاڻ جيئرو ھو.

مولانا عبيدالله سنڌي، جو وطن جي آزاديءَ جو پروانو
ھو، تنھن اِھو فيصلو ڪيو ته ڇونه ھن ملڪ ۾ وڃي، اتان
جي نظام جو مطالعو ۽ مشاھدو ڪجي ۽ نئين چاڙ حاصل
ڪجي، پنھنجي ملڪ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪوششون
ڪجن. انھي ڪري ھو ۱۹۲۱ع ۾ روس ملڪ ھليو ويو.

مولانا عبيدالله سنڌي ڪو اڻ ڄاتو انسان ڪونه ھو. جو
ھن کي نئين ملڪ ۾ وينديءَ ڪا تڪليف ٿئي. ھو ھڪ
جڳ مشھور انقلابي انسان ھو. روس جي حڪومت سنڌس
وطن دوستيءَ جي جذبي کان پليءَ پٽ با خبر ھئي. ان
ڪري وڏي شان ۽ مان سان سنڌس آڌرڀاءَ ڪيو ويو ۽
کيس سرڪاري مھمان بڻائي رھايو ويو. وڏي ۽ اھم ڳالھ
ھيءَ ھئي ته مولانا عبيدالله سنڌي ھڪ پڪو مسلمان ھو ۽
روس جي نئين حڪومت جو بنياد لا دينيت تي رکيل ھو

Gul Hayat Institute

پر ايڏي فرق هوندي به حڪومت يا مولانا عبيدالله سنڌي جي وچ ۾ ڪڏهن اختلاف پيدا نه ٿيو. روس جي حڪومت ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ هن وري ڪلئي ذهن سان اتان جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو.

مولانا عبيدالله سنڌي نئين روس ۾ ڪل آٺ - ڏهه مهينا رهيو ۽ انهيءَ عرصي دوران حڪومت ڪيس شاهي ڪتب خانو پڙهڻ جو موقعو ڏنو. جيئن ته لينن انهيءَ زماني ۾ سخت بيمار هو، ان ڪري ٻنهي انقلابي انسانن جي پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ٿي نه سگهي.

روس کان پوءِ ترڪي:

پهرين مهاڀاري لڙائي دنيا تي وڏا اثر ڇڏيا هئا. هن جنگ کان پوءِ ڪي بادشاهيون ختم ٿيون ۽ نوان نظام قائم ٿيا. جهڙي نموني سان روس ۾ "پورهيتن جي حڪومت" قائم ٿي ۽ زار بادشاهيءَ جو خاتمو آيو، تهڙي نموني ترڪي سلطنت به پاش پاش ٿي وئي. انهي دور جي مسلمانن جي وڏي کان وڏي هن سلطنت ۾ به وڏيون تبديليون آيون. پهرين هيءَ ته ترڪ قوم ڪمال اتا ترڪ جي اڳواڻيءَ ۾ نئون نظام قائم ڪيو ۽ "خلافت" جو خاتمو آيو ۽ ٻيو هيءَ ته ابن سعود ترڪيءَ سان بغاوت ڪري عربستان ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.

Gul Hayat Institute

جيئن اسان اڳــــ، ۾ ئي پـڙهي آيا آهيون تــ مولانا عبيدالله سنڌي انهيءَ دور جــي بدلجندڙ دنيــا جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪرڻ لاءِ افغانستان ڇڏي روس ۾ آيو هو. روس ۾ رهڻ دوران سندس ڏيـٺ ترڪيءَ جي سفير سان ٿـي. ان جي مدد سان هن ترڪيءَ جي دوري جـي اجازت ورتي ۽ لڪ چوريءَ سفر جو بندوبست ترڪي حڪومت پاڙ ڪيو.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو هي سفر ڪو خطرن کان خالي نہ هو. هو انگريز سامراج جو ڪليو ۽ ڏنو وائنو دشمن هـو. انگريز سرڪار هميش هن کي پنهنجي اَک جو ڪنڊو سمجهندي هئي، ان ڪري هميش انگريز سرڪار جا جـاسوس سندس پيڇو ڪندا رهندا هئا. ليڪن مولانـا عبيدالله سنڌيءَ سر تريءَ تي رکي هي سفر ڪيو. ڏڻي تعاليٰ سندس مدد فرمائي جو سندس وار بہ ونگو نہ ٿيو ۽ هن جي دشمنن کي ڪابہ سڌ پئجي نہ سگهي.

اها مولانا عبيدالله سنڌيءَ جـي بهادري ۽ وطن دوستي ئي هئي، جو هو پنهنجي گهربار کان پري، وطن کان ڪوهين دور، ڪنهن خوف ۽ خطري کان بي پرواه وڏي اطمينان ۽ اشتياق سان آزاديءَ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو.

ترڪيءَ ۾ بہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ماڻائتي نموني سان آجيان ڪئي وئي. هن کي اُتـي، اتان جي قوم جي

Gul Hayat Institute

آبي ڪمال آتا ترڪ سان ملڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ جو به موقعو مليو. روس جي پيٽ ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ترڪي ۾ گهڻو وقت گذاريو ۽ پريا ڏي سال اتي رهي، تباه ٿيل ترڪ سلطنت ڪي نئين سر ڪنڌ ڪٽنڌي ۽ پنهنجي پيرن تي بيهندي ڏٺو. هن ٽڪرا ٽڪرا ٿيل خلافت جي مرڪز ۾ ويهي، مولانا عبيدالله سنڌي اسلامي اتحاد جي تحريڪ جو تاريخي مطالعو ڪيو. اسلامي دنيا ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جا خواب لاڏا ۽ انهي سلسلي ۾ هڪ ڪتاب لکي ڇپرايو.

ترڪي ڪان پوء مڪي:

ڪيترو زمانو خلافت جي مرڪز سبب ترڪي سلطنت دنيا جي مسلمانن جو مرڪز رهيو، ليڪن خلافت جي خاتمي ڪان پوء مسلمان مختلف درن ڏانهن واجهائيندا رهيا. تان جو مڙني جو آخري مرڪز مڪو شريف بڻيو. زماني جي لاهين چاڙهين دنيا جي مسلمانن کي ڏاڍو ڏکوئيو هو. تنهن زماني ۾ دنيا جون سامراجي قوتون ملي جلي مسلمانن کي ستائي رهيون هيون. هندستان ۾ مسلمان غلاميء جا ڏهاڙا گهاري رهيا هئا. ترڪيء جهڙي مسلمان سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪي هئي. الجزائر ۽ مصر آزاديء حاصل ڪرڻ لاء اُٿي رهيا هئا ۽ فلسطين کي بي گهر بنائڻ لاء انگريز ۽ يهودي منصوبا بنائي رهيا هئا.

Gul Hayat Institute

اِهو هئو تنهن زماني ۾ اسلامي دنيا جو حال، جنهن
ڪري دنيا جا مسلمان مجبور ٿيا ته هو هڪ هنڌ گڏ ٿين
۽ پنهنجي مسئلن جو حل ڏسـائن ڪن. آخرڪار ١٩٢٦ع ۾
دنيا جي مسلمانن جي هڪ ميڙ ٿيڻ جو فيصلو ٿيو. جنهن
۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مولانا عبيدالله سنڌي ترڪي مان مڪي
شريف ڏي روانو ٿيو.
جيئن تـه ڪيس مڪي شـريف وڃـڻ لاءِ پهرين اٽلي
وڃڻو پيو، ۽ انهيءَ سفر دوران انگريز سرڪار جي جاسوسن
۽ چاڙتن سندس پرپور نموني ۾ رستي روڪ ڪئي ته جيئن
هي انقلابي انسان انهي ميڙ ۾ شريڪ ٿي نه سگهي، ڇو ته
انگريز سرڪار کي اِهو ڊپ هو ته جيڪڏهن مولانا عبيدالله
سنڌي هن ميڙ ۾ شريڪ ٿيو ته کو وڏو ممڻ مچي ويندو.
آخر ٿيو به ائين ۽ مولانا عبيدالله سنڌي اُنهي ميڙ ۾ شريڪ
ٿي نه سگهيو. پر پوءِ به کيس دنيا جي نامور مسلمان مدبرن
عالمن ۽ دانشورن سان ملڻ جـو موقعو ضرور مليو، ڇوته اُهي
اجا اُتي مڪي شريف ۾ موجود هئا.

پيارا ٻارو! سلطان ابن سعود، انگريزن جـي مـدد سان
ترڪيءَ خلاف بغاوت ڪري، پنهنجي نئين سلطنت جو بنياد
رکيو هو، ان ڪري اها آڪٽيڪي ڳالهه هئي ته مولانا عبيدالله
سنڌي اُنهيءَ ملڪ ۾ رهي، انگريزن خلاف کو ڏڍو واڌو

Gul Hayat Institute

ڪم ڪري. اِنهيءَ ڪري هن سياڻي انسان، مڪي شريف ۾ رهڻ وقت پنهنجي حڪمت عملي بدلائي ڇڏي. سڀ کان پهرين هن ابن سعود جي حڪومت کي اِهو يقين ڏياريو ته هو مڪي معظم ۾ رهڻ دوران ڪا به سياسي هلچل نه هلائيندو ان کان پوءِ هن اهڙي ته سادي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪئي جو ڪڏهن به دربار يا سرڪار اڳيان هٿ ٽنگڻو نه پيس. هن خوددار ۽ بي نياز انسان بادشاهن جي پر ۾ فقير تي گذاريو ۽ تخت کي ڏسندي به تڏي تي آرام ڪيو.

مولانا عبيدالله سنڌي وڏي مطالعي ۽ مشاهدي بعد نه رڳو هندستان جو، بلڪ پوري اسلامي دنيا جو ناميارو مفڪر ۽ مدبر بڻجي چڪو هو. اهڙي انسان لاءِ ڪجهه عرصو مڪي ۾ رهڻ نهايت ضروري هو، ڇو ته مڪومعظم ئي مسلمانن جو واحد مرڪز هو، ۽ هن پلاري انسان انهي مرڪز ۾ ويهي پوري اسلامي دنيا کي پيغام ڏيڻ تي گهريو.

مولانا عبيدالله سنڌي پريا پارنهن سال اسلام جي انقلابي پيغام جي تبليغ ڪئي ۽ تعليم ڏني. سنڌ توڙي هند جي ڪيترن عالمن اُتي وچي ڪانئس تعليم پرائي. هندستان جي ڪيترن ئي مسلمانن هن عظيم انسان کي علم جو نور پکيڙيندي ڏٺو پر ڪنهن به ڪيس ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگيندي، پنهنجي ذات لاءِ سوچيندي يا گهرٻار کي ياد ڪندي نه ڏٺو. هن

Gul Hayat Institute

پنهنجي حياتي ملڪ ۽ قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي ۽ قوم جي ڀلائي خاطر پنهنجي ذات يا وجود کي وساري ڇڏيو هو.

سنڌس غيرحاضري ۾!

پيارا ٻارو! اڳ ۾ اسان پڙهي آيا آهيون ته مولانا عبدالله سنڌي جڏهن افغانستان ۾ هو، تڏهن سنڌ ۽ هند ۾ ڪيئن نه حالتن ڦيرو ڪاڌو ۽ ماڻهو ظالم حڪمران جي خلاف ڪيئن ٿي بيٺا. هاڻي اسان کي اهو ڏسڻو آهي ته پاڻ جڏهن مڪي شريف ۾ پهتو ته سنڌ ۽ هند ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون.

"هجرت تحريڪ" جي ڪري ڏاڍي انگريز حڪومت وڏا وس ڪيا ته جيئن ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن ۽ سندن خيال حڪومت جي ڏاڍ ۽ ڏمر تان هٽي وڃي. حڪومت پهرين عوامي تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ هنڌين ماڳين "امن سڀائون" قائم ڪرايون.

"امن سڀائون" ڇا هيون؟ هي ملڪ جي پيرن، وڏيرن ۽ آفيسرن جون جماعتون هيون، جيڪي اِن مقصد لاءِ قائم ڪيون ويون هيون ته ماڻهون تي زوربار آڻي، ڪين ظالم ۽ جابر حڪومت جو فرمانبردار بڻايو وڃي. "امن سڀائون" جڻ امن جي نالي ۾ عوام سان دشمني ڪرڻ برابر هيون، ڇو ته هنن سڀائن ذريعي اها تبليغ ڪئي ويندي هئي ته وقت جي حڪومت خلاف ڪا به تحريڪ نه هلائجي ۽ چپ چاپ

اڪيون پوڻي، سرڪار جو سٺو يا خراب فيصلو قبول ڪرڻ گهرجي. حالانڪ، اِها ڳالهه خود دين اسلام جي تعليم جي مطابق ٻه ڪونه آهي، ڇو ته هي سچو دين اسان کي سيکاري ٿو ته ظالم حڪمران کي سچ چوڻ وڏو جهاد آهي.

جڏهن "امن سپاڻن" واري چال به ڪامياب نه وئي ته حڪومت ڪن پاڙيتو عالمن کان فتوائون ڏياريائون ته جئن ماڻهن ۾ ڦاٽ پئجي، پر حڪومت کي هن حرڪت مان به ڪجهه ڪين وريو. آخر ۾ وقت جي سرڪار مذهبي اختلافن جو ٻج ڇٽيو، جنهن ۾ بدقسمتيءَ سان اُها گهڻي حد تائين ڪامياب وئي.

پيارا پارو! "مذهب" جي معنيٰ آهي رستو. ظاهر آهي ته اهو ماڻهو جيڪو رستي تي هلندو آهي، سو اهڙي ماڻهوءَ کان وڌيڪ محفوظ هوندو آهي جنهن جو گذر جهنگ مان ٿيندو هجي؛ پر جڏهن رستي تي هلڻ وارو به جهنگ مان هلندڙ جهڙو ٿي پئي ته پوءِ ٻنهي ۾ فرق ڪهڙو؟

دنيا جا مڙئي دين ۽ ڌرم انسان جو احترام ۽ قدر سيکارين ٿا. سيني مذهبن اِها تعليم ڏني آهي ته انسان هن دنيا ۾ امن ۽ امان، سک ۽ سڪون قائم ڪرڻ آيو آهي نه کي وڙهڻ ۽ نفرت پکيڙڻ لاءِ آيو آهي.

انهيءَ تعليم هوندي به انگريزن نفرت جو اهڙو ٻج ڇٽيو

"شدي سيا" جي نالي سان هڪ هندو تنظيم وجود ۾ آئي
جو ماڻهو، ماڻهوءَ جو دشمن ٿي پيو.
۾ هندن هڪ اهڙي جماعت ٺاهي، جنهن جو مقصد هو اگهڙ
مسلمان ٿيل ماڻهن کي زوري هندو بڻائڻ. اُنهيءَ جي جواب
۾ وري مسلمانن "سنجوڳي تحريڪ" جو آغاز ڪيو؛ اهڙين
هندو ۽ مسلمان مذهبي بنيادن تي هڪ ٻئي جي مخالف
ٿي بيٺا.
پوءِ اها مذهبي ڇڪتاڻ سياست تي به اثرانداز ٿيڻ
لڳي. سنڌ کي جڏهن بمبئيءَ کان الڳ ڪرڻ جي تحريڪ
هلي ته اُن ۾ ڪي هندو سڄاڻ به شامل هئا. پوءِ اڳتي هلي
جڏهن هندو ۽ مسلمان هڪ ٻئي سان نفرت ڪرڻ لڳا، تڏهن
اُهي ئي هندو پنهنجي طرفان اُٿاريل ڳالهه جي مخالفت ڪرڻ
لڳا ۽ "سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري تحريڪ" جي
خلاف ٿي بيٺا. ڳالهه وڃي اُتي پهتي جو ماڻهن مخالف ڌر
جي مذهبي جاين کي ساڙڻ لڳا، اُنهن تي قبضا ڪرڻ لڳا
۽ ريلوي اسٽيشنن تي هندن لاءِ الڳ ۽ مسلمانن لاءِ ڌار
پاڻيءَ جا نلڪا يا نِنڍا هوٽل قائم ٿي ويا. حالتن سنڌ ۽
هند کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪڙو حصو هو مسلمانن
جو ۽ ٻيو حصو هو هندن جو.
جيئن ته اُنهيءَ زماني ۾ هندستان ۾ "ڪانگريس" ۽ مسلم
ليگ" جي نالي سان ٻه جماعتون هيون. ان ڪري هندو

”ڪانگريس“ جي مدد ڪرڻ لڳا ۽ مسلمانن جو گھڻو حصو وري ”مسلم ليگ“ جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيڻ لڳا هئا.

”مسلم ليگ“ ۽ ”ڪانگريس“ پارٽي ۾ ڪيترين ڳالهين ۾ اختلاف موجود هو. ”مسلم ليگ“ هندستان جي مسلمانن لاءِ الڳ ۽ آزاد رياستن جو مطالبو ڪري رهي هئي ته ڪانگريس وري سڀئي اختيار ۽ اقتدار جو وارث پاڻ کي سمجھي رهي هئي. انهن ٻنهي پارٽين جي اختلاف سبب هندستان کي جوڳا قانوني سڌارا نه ملي سگھيا ۽ ائين ١٩٣٥ع وارو ”انڊيا ائڪٽ“ هندستان سان لاڳو ڪيو ويو، جنهن مطابق سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪري صوبو بڻايو ويو ۽ ١٩٣٧ع ۾ عام چونڊن کان پوءِ سنڌ پنهنجي وزارت ٺاهي.

**وطن واپسي:**

اهي هيون حالتون، جن مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي غيرحاضريءَ ۾ وڏو ڦيرو ڪاڌو؛ پر جيئن ته مولانا عبيدالله سنڌي جي شخصيت سمورن ماڻهن لاءِ عزت ۽ احترام جي لائق هئي، ان ڪري مرڪزي جماعتن ۽ مکيه ماڻهن گڏجي حڪومت تي زور آڻدو ته مولانا عبيدالله سنڌي کي وطن واپس اچڻ جي اجازت ڏني وڃي. جيئن ته انگريز سرڪار جيڪا هندستان ڇڏڻ لاءِ ذهني طور تيار ٿي چڪي هئي؛ تنهن هاڻي مولانا سنڌي جي اچڻ کي پاڻ لاءِ ايڏو خطرناڪ

Gul Hayat Institute

ن سمجهيو ۽ مٿس کي پابنديون وجهي واپس وڻ جي اجازت ڏني. آخرڪار مولانا سنڌي لڳ ڀڳ چوويهن سالن جي جلاوطنيءَ بعد ۴- مارچ ۱۹۳۹ع تي پنهنجي منڙيءَ سنڌ ۾ قدم رکيو. پاڻ جڏهن ڪراچيءَ جي بندرگاهه تي قدم رکيائين ته هن جي سامهون ماڻهن جو هڪ هجوم سمنڊ جيان چوليون هڻي رهيو هو. سمورين پارٽين جا رضاڪار پنهنجي مخصوص پوشاڪن ۾ ملبوس، ڪيس سلامي ڏئي رهيا هئا. آڻ ڳڻيا ماڻهو پنهنجي هٿن ۾ رنگ برنگي جهنڊيون لوڏي "الله اڪبر!" ۽ "مولانا عبيدالله سنڌي زنده" جا نعرا هڻي رهيا هئا. ڪراچيءَ جي مکيه چونڪن کي ۽ گذرگاهن کي خوبصورت نموني ۾ سينگاريو ويو هو. ڪڏي جي محلي ۾ چپي چپي تي روڊن ۽ رستن کي محرابن ۽ دروازن سان سهڻو بڻايو ويو هو. ڪراچيءَ "آدرياءَ" جو اهڙو مثال ڪڏهن به اڳ ۾ پيش نه ڪيو هو. هن شهر جو اِهو پهريون واقعو هو. جو پنهنجي هڪ قومي هيري جي بادشاهن جيان آجيان ڪئي وئي.

Gul Hayat Institute

**بي نيازيءَ جو بهترين مثال:**

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي آدرياءَ ڪرڻ لاءِ سڀئي ملڪ جا امير ۽ غريب، عالم ۽ دانشور، سماجي ڪارڪن ۽ سياسي رهبر اچي موجود ٿيا. امير ماڻهن کي اِها اميد هئي ته مولانا

جو هڪ طرف فوج ۾ پرتي ٿي نہ سگهي ۽ ٻئي طرف هتي رهيل فـوج کي بغاوت بند ڪرڻ لاءِ بلوچستان وچٽو پيو. ائين عراقي محاذ تي وڙهندڙ انگريزي فوج کي مدد پهچي نہ سگهي ۽ اُن کي ترڪي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا هئا.

باغي انسان پوءِ ڇا ڪيو؟

مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن چوٽيهن سالن جو هـو تہ وطن جي آزاديءَ جي اميد تي هـي ملڪ ڇڏيو هئائين. جڏهن وطن واپس پهتو تہ هو ستهٺ سالن جـو ٿي چڪو هو. هيڏي ڄمار هوندي بہ هو هڪ بہ گهڙي وڃائڻ ڪانسواءِ سياسي ڪارگذارين ۾ مشغول ٿي ويو. هن تقريرون شروع ڪيون. اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيا ۽ ڪتاب پڻ لکيائين. سنتائي پوءِ لاهور، دهلي، ڪلڪتي، مدراس، احمدآباد، حيدرآباد ۽ سکر جا دورا ڪيائين. هـو هڪ طرف هندستان جي حالتن جو مشاهدو ڪندو ۽ مشهور سياسي اڳواڻن سان ملندو رهيو ۽ ٻئي طرف ماڻهن کي ٻڌائيندو رهيو تہ "برطانيہ اِهو ڪڏهن بہ ڪين چاهيو آهي تہ نوجوان مسلمان اسلام جي انقلابي پيغام کان ڪنهن طرح واقف ٿين. مسلمانن کي خدا جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهلڻ گهرجي ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جي پيغام ڏانهن واپس اچڻ گهرجي.

اَعليٰ درجي جو انسان، روشن دماغ ۽ منور دل جو هي

ملڪ، جنهن کي وقت جي ناميارن اُستادن ۽ سياسي رهبرن جون صحبتون نصيب ٿيون هيون. انساني ۽ اسلامي تاريخ تي جنهن جي ڪشادي نظر هئي. جيڪو حڪمت ۽ فلسفي کان پليءَ پيٺ واقف هو، سو جتي ڪٿي وڏين واڪين هي پوندو رهيو ته:

”اوهان جي بزرگن مون کي ٻاهر موڪليو. ٻاهر رهي مون مسلمانن جي پچنديءَ آهر خدمت ڪئي. حياتيءَ جا سڀئي سارا چوويهه سال مون ٻاهر گذاريا. مون اُنهن ملڪن جي حالتن کي تماشائي ٿي نه ڏٺو، پر وڏين وڏين تحريڪن ۾ ڀرو وٺندو رهيس اُنهن ۾ ڪڏهن ته مون کي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ ڪڏهن جان کي جلائيندڙ شڪستن جو به منهن ڏسڻو پيو. مون کي بادشاهن جي صلاحن ۽ مشورن ۾ به شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو ۽ اهڙن سپهه سالارن جو به ساٿي ٿي رهيس جن وڏين لڙائين ۽ جنگين کي سر ڪيو. مون اُنهن ملڪن جي تاريخ ۽ حالتن جو مطالعو ڪيو. منهنجي ڳالهين کي گهڙيءَ جو اثر ۽ وقتي جوش نه سمجهو! منهنجي ڳالهين پويان تجربن ۽ اکين ڏٺل احوالن جو هڪ وڏو داستان آهي.“

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 71



"هندستان کي هڪ واحد ملڪ نه سمجهيو وڃي، پر جيئن يورپ گهڻن خودمختيار قومن ۾ ورهايل آهي، تيئن هندستان به گهڻ قومي ملڪ آهي، ۽ هر ملڪ کي پنهنجي ثقافت، پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي زبان آهي. هندستان کي هڪ ملڪ طور آزادي نه ڏني وڃي، پر هرهڪ ٻولي ۽ ثقافت جي وحدت کي الڳ الڳ آزادي ڏني وڃي."

مولانا عبيدالله سنڌي هن پارٽي ذريعي هڪ شاندار ترقي پسند سماجي ۽ اقتصادي پروگرام ڏنو. جنهن ۾ ذات پات ۽ ننڍ وڏائپ جي سنڌن ميڙن جي مڪمل گنجائش هئي. هو پورهيت ۽ ڏتڙيل طبقي جو خيرخواهه هو. ان ڪري پنهنجي پارٽيءَ جي پروگرام ۾ سنڌن سهولتن ۽ حقن جي ڀرپور حفاظت ڪئي هئائين.

هن ڀلاري انسان رڳو نالي ۾ پارٽي ناهي، پنهنجي وطن دوستيءَ جو فرض پورو نه ڪيو، پر ان کي جامع پروگرام جي حيثيت سان پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻايو. پنهنجي پارٽيءَ جون ڪراچيءَ کان سواءِ لاهور ۽ دهليءَ ۾ شاخون کوليون ته جيئن هم خيال ماڻهن کي هڪ مرڪز تي گڏ ڪري سگهجي.

پيارا ٻارو! رڳو ماڻهن کي ميڙڻ مان ڪو مقصد حاصل

Gul Hayat Institute

ٻهپيل زندگيءَ کي سڦل نموني گذارڻ جو شديد احساس هو. اڪثر ڪري پاڻ چوندو هو ته:

”جڏهن کان آئون هندستان ۾ واپس آيو آهيان،
تڏهن کان وٺي مون کي آرام ڪين مليو آهي، ۽
منهنجي صحت جي حالت تمام تشويشناڪ آهي.
پر مان پنهنجي وطن کي ٻين آزاد قومن وانگر
ڏسڻ گهران ٿو.“

موت برحق آهي:

پيارا ٻارو! جيئن زندگي هڪ حقيقت آهي، تيئن موت به اڻٽر حقيقت آهي؛ جيڪو انسان هن دنيا ۾ اکيون کولي ٿو، اُنهي کي هڪ ڏينهن ضرور هن دنيا تان هٿ ڪڍڻو آهي. انسان ڪيڏو به سياڻو هجي؛ پر هن جو عقل ڪيس موت کان بچائي نٿو سگهي. حقيقت هيءَ آهي ته زندگي ۽ موت هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. جيئن جيڪڏهن ڪنهن سڪي جو هڪ پاسو ڪوڙو هوندو ته انهيءَ کي بازار ۾ هلائي نه سگهبو تيئن هن حياتيءَ جي وهنوار ۾ به رکيو اُهو سڪوئي هلي سگهندو آهي، جنهن جي هڪ پاسي تي زندگي ۽ ٻئي پاسي تي موت جون تصويرون اُڪريل هجن.

ڪيترا ماڻهو موت کي ڀيانڪ ۽ خطرناڪ سمجهندا آهن ليڪن حقيقت اِئين نه آهي. اها شيءِ جيڪا اڻٽر آهي،

Gul Hayat Institute

اُنهيءَ ڪان ڪهڙو بچڻ يا پيچڻ؟ انساني تاريخ جا ورق ورائي ڏسبا ته معلوم ٿيندو ته دنيا جا جيڪي به عظيم انسان ٿي گذريا آهن، تن موت کي نهايت معمولي شيءِ ڪري سمجهيو آهي. هنن جنهن شيءِ تي توجهه ڏنو آهي، اُها هي آهي ته جيڪا حياتي کين ملي آهي، اُها ڪيئن سڦلي گذارجي. هو موت کان ڪڏهن ڪونه ڊنا آهن. اُن جي اُبتڙ جڏهن به موقعو مليو، تڏهن موت سان اکيون اکيون ۾ ملائي زنده رهيا آهن. انساني تاريخ اهڙن آڳٽين واقعن سان ڀري پئي آهي. جيڪڏهن موت ايترو ڀيانڪ هجي ها ته قريش جي دشمني هوندي به اسان جو پيارو رسول ﷺ اسلام جو پيغام نه ڏئي ها. جيڪڏهن موت ايترو ڀيانڪ هجي ها ته حضرت امام حسين عليه السلام ظالم ۽ جابر حڪمران سان ڪربلا جي ميدان ۾ جنگ نه جوٽي ها.

خود مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي سڄي حياتي موت سان مقابلا ڪندي گذري. ڇا ظالم انگريز جي حڪومت ۾ رهي اُنهيءَ خلاف ڪم ڪرڻ ۾ جيءَ جو جوکو نه هو؟ پاڻ جڏهن ملڪ ڇڏي افغانستان ڏي ويو؛ ڇا تڏهن انگريز سرڪار کيس پڪڙڻ جي ڪوشش نه ڪئي هوندي؟ ڇا اهو سفر خطرناڪ نه هو؟ ان کان سواءِ مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن افغانستان ۾ هو، تڏهن به سندس قتل ڪرڻ لاءِ وقت جي سرڪار ڏهه

هزار روپيا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو، تڏهن به ته چڙهن هن بزرگ موت جي منهن ۾ ويهي زندگي گذاري هئي.

مطلب ته مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي سموري جمار بهادري ۽ بي باڪيءَ سان گذري، پر نيت ته سنڌس حياتيءَ جو سڄ لوڻ وارو هو. هڪ اهڙي به شام ٿيڻ واري هئي، جيڪا هرڪنهن جي حياتيءَ جي ٿيندي آهي.

مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن اپريل ۱۹۴۴ع ۾ حيدرآباد ۾ شاگردن کي خطاب ڪري رهيو هو، تڏهن سنڌس زبان تي هي لفظ هئا:

”هن موقعي تي آءٌ اوهان شاگردن کي پڌائيندس ته اوهان انگريزي پڙهو. مغربي سائنس جو مطالعو ڪيو ۽ علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪيو ته جيئن ان انقلاب کي سمجهي سگهو، جيڪو سموري يورپ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڪو آهي. توهان هندستان ۾ ان انقلاب لاءِ تيار رهو!“

هن بزرگ انهيءَ هلندڙ تقرير ۾ ئي پاڻ کي ڪمزور محسوس ڪيو: پر هو طبيعت جي ناچاقيءَ ۽ ڪمزوريءَ کان بي پرواهه هو. پنهنجي سڄي تقرير پوري ڪيائين. ويڄ طبيب وري آيس ته پنهنجي صحت جو سنڀال ڪيو، پر اهو ته هو پاڻ پيو ڄاڻي ته موت ته آڻ ٽر آهي ۽ ضرور

Gul Hayat Institute

ضرور ايندو، مگر وچايل وقت وري کونہ ورندو. پوءِ چونہ باقي بچيل پويان پساھہ بہ پکن ۽ پنهوارن تان قربان ڪري ڇڏجن. ڪيس يقين ھو تہ وقت تيزيءَ سان وڌي رهيو آھي ۽ حالتون نئين سج ۽ نيون مورتون وٺنديون وڃن ٿيون: ان ڪري جيڪڏھن هاڻي مارووئڙن کي هوشيار نہ ڪيو ويو تہ ھو اڳتي هلي ڏک ڏسندا.“

اهڙين حالتن ۾ بہ هن سنڌ جو دورو شروع ڪيو. سنڌ سان تہ سندس ازلي محبت هوندي هئي. پاڻ چوندو هو تہ:

”مان سنڌ سان محبت ڪريان ٿو، ڇو تہ اھو منهنجي روحاني پيءُ جو پاڪ وطن آھي، ۽ مون بہ هن کي گذريل اٽ صديءَ کان پنهنجو وطن بنايو آھي.“

انهيءَ عقيدت ۽ محبت کان مجبور ٿي مولانا عبيدالله سنڌيءَ مختلف هنڌن تي گڏجاڻيون ڪيون ۽ شاگردن کي خطاب ڪندو رهيو. سندس صحت روز بروز ڪرندي رهي. هن جا ساٿي هر روز ڪيس ڪراچي موٽي هلڻ لاءِ ڪرائڻ لا. منٿون ڪندا رهيا. ڪنهن جي بہ ڪانہ ٻڌائون؛ نيٺ سخت بيمار ٿي ڪراچي پهتا. جتي تجربيڪار ڊاڪٽر سندس حال ڏسي نا اُميد ٿي پيا. پاڻ اڪثر ڪري بيهوش رهڻ لڳو. جڏھن بہ هوش ۾ ايندو هو تڏھن باقي رهيل شهداد ڪوٽ واري گڏجاڻيءَ بابت ڳالھہ ٻولھہ ڪندو هو. جتي

هو وچڻ لاء وعدو ڪري چڪو هو. پاڻ اڪثر ڪري اهڙي بيماريءَ ۾ ڪراچيءَ کان وٺي شهدادڪوٽ وڃڻ جا پيو پنڌ پيچندو هو. ليڪن بيماريءَ ڪيس اينرو تہ نستو ڪري ڇڏيو جو پاڻ اوڏانهون وڃي نہ سگهيو. پر ان هوندي انهيءَ موقعي لاء پنهنجي تقرير لکي موڪليائين.

سندس صحت بحال ٿي وئي تہ پاڻ پيهر سنڌ جو دورو ڪرڻ شروع ڪيائين. ٺٽهڙ اُس ۽ قهر جهڙي گرمي وري سندس صحت کي لوڙهي ڇڏيو. جڏهن پيهر بستري داخل ٿيو تہ ڪيس مالڪ حقيقي سان وڃي ملڻ جو يقين ٿي ويو ان ڪري پاڻ آخري خواهش ظاهر ڪيائين تہ ڪيس پير جهنڊي جي ڳوٺ نيو وڃي؛ جيڪو هن لاء روحاني تسڪين جي جاء هئي. پر سندس ڏيءَ ۽ ڏوهٽي ڪيس مجبور ڪيو تہ هو بهاولپور ضلعي جي دينپور ڳوٺ ۾ هلي علاج ڪرائي؛ هن پلاري انسان آخر ۾ پنهنجي عزيزن کي رنجائڻ نہ گهريو، ۽ دين پور پهچندي، آگسٽ ١٩٤٤ع ۾ هي جهان ڇڏيائين.

سندس شخصيت:

Gul Hayat Institute

پيارا ٻارو! هن وقت تائين اسين گهڻو تڻو مولانا عبيدالله سنڌي جي ڪردار بابت ٿي پڙهي آيا آهيون. مختصر طور تي اهو ڏنوسين تہ وطن ۽ اسلام خاطر مولانا سنڌي ڪهڙيون قربانيون ڏنيون. پر هاڻي اچو تہ سندس شخصيت جون

اُهي خوبيون ڏسون، جيڪي اسان ٻارن جي
۾ مدد ڏين.

مولانا وڏو سياڻو هو: مهاڀاري لڙائيءَ

هيءَ ١٩٤٢ع جي ڳالهه آهي. دنيا تي ٻي
جا هيبتناڪ ڪڪر ڇانئجي رهيا هئا. انگريز سرڪار اها ڪوشش
ڪئي ته سنڌ ۽ هند مان ماڻهون کي فوج ۾ ڀرتي ڪري ته
جيئن جنگ ۾ دشمن ملڪن جو مقابلو ڪري سگهي. پر
هندستان جي وڏين سياسي پارٽين سرڪار سان ساٿ نه ڏيڻ
جو فيصلو ڪيو. پر اُنهن جماعتن جي فيصلي جي ابتڙ مولانا
عبيدالله سنڌي، ماڻهن کي چوندو رهيو ته اوهان پلي فوج
۾ ڀرتي ٿيو. ان تي ڪن ماڻهن ڪانگرس پڇيا ڪئي ته: "قبلا!
جيڪڏهن اسان دشمن جي فوج ۾ ڀرتي ٿينداسين، ته اُن
جو فائدو اسان کي ڪهڙو ملندو؟" ان تي مولانا مرحوم هي
جواب ڏنو ته:

"هن ظالم ۽ جابر انگريز کي هتان وڃڻو آهي.
جيڪڏهن اِهي منهنجي حياتيءَ ۾ نه ويندا ته آءٌ
اوهان کي لکي ٿو ڏيان ته منهنجي مرڻ کان پوءِ
هو ٿن سالن اندر هندستان ڇڏي ويندا. ان ڪري
هاڻي اسان جيڪڏهن سندن فوج ۾ ڀرتي ٿينداسين
ته اسان کي مفت ۾ فوجي سکيا ملي ويندي؛

Gul Hayat Institute

جنهن تي نه ته اسان کي لکين ۽ ڪروڙين روپيا خرچ ڪرڻا پوندا."

قدرت الله جي، مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو ڪجهه چيو هو، سو سچ نڪتو ۽ سندس وفات کان ٽيڪ ٽي سال پوءِ انگريز هندستان ڇڏي هليو ويو.

هڪ مقصد واري زندگي گذاري:

مولانا عبيد الله سنڌيءَ جي حياتيءَ جي احوال پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هڪ مقصد واري زندگي گذاري هئي. اسان مان ڪيترا انسان اهڙا به آهن جن کي اها به خبر نه هوندي آهي ته هنن ۾ ڪهڙيون سگهون آهن ۽ هن دنيا ۾ ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏئي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن اسڪول ۾ وڃي ڪن شاگردن کان پڇبو ته اوهان وڏا ٿي ڇا ٿيندا؟ ته ڪو چوندو ته آئون ڊاڪٽر ٿيندس، ڪو چوندو ته آءٌ پائلٽ ٿيندس ۽ ڪو چوندو ته آءٌ سائنسدان ٿيندس. بيشڪ هرهڪ شاگرد کي اِهو حق پهچي ٿو ته اها ارڏائي به رکي ته اڳتي هلي هو ڪهڙي نموني عزت سان روزي ڪمائيندو. پر هرهڪ شاگرد تي هي فرض به عائد ٿئي ٿو ته وطن ۽ وطن وارن جي سک ۽ سلامتيءَ لاءِ به سوچي، جيئن مولانا عبيدالله سنڌيءَ ڪيو.

اسان کي خبر آهي ته مولانا عبيدالله سنڌي " وطن جي

پڙهڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو:

انسان هن دنيا ۾ مختصر حياتي وٺي اچي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن انسان کي ڪٽي ستر سال ڄمار ملي ته به حساب ڪري ڏسبو ته هن کي قومي خدمت يا ٻئي ڪم ڪرڻ لاءِ ٿورو وقت ملي ٿو. انسان جا پهريان پنج سال ٻالپڻي ۾ گذري وڃن ٿا. ان کان پوءِ هو ٽيهن ٻٽيهن سالن تائين پنهنجي حياتي پڙهڻ ۽ پرجهڻ ۾ بسر ڪري ٿو. جڏهن ٿوهه جوانيءَ ۾ قدم رکي ٿو ته شادي، گهرٻار ۽ ٻيا مسئلا هن کي گهيري وڃن ٿا. پنجاهه سالن کان پوءِ هن ۾ اها سگهه نه ٿي رهي، جيڪا جوانيءَ وقت هن ۾ موجود هوندي آهي. اذهيءَ حساب کي جڏهن اڳيان رکي ڏسبو ته انسان کي ڪم ڪرڻ لاءِ چند سال ئي نصيب ٿين ٿا.

انسان اُهي چند سال تڏهن سڦلا ڪري سگهندو: جڏهن هو ذهني ۽ علمي طور تي پختو هوندو. هن کي جيستائين پنهنجي، پنهنجي ملڪ ۽ دنيا جي ڄاڻ نه هوندي؛ هن کي جيستائين اِها خبر نه هوندي ته ڪائنس اڳ ڪيترو ڪم ٿيو آهي ۽ هن کي اهو ڪم ڪٿان شروع ڪرڻ گهرجي، ان وقت تائين هو پيو اجايو ٽاڪوڙا هڻندو ۽ پنهنجي زندگي بيسود نموني گذاريندو. ان ڪري انسان لاءِ پڙهڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي. علم انسان جي ذهن اک

Gul Hayat Institute

آهي. علم انسان کي پڌائي ٿو ته ڪائنس اڳ انسانن ڪهڙيون غلطيون ڪيون آهن، جيڪي هو وري نه دهرائي. علم انسان کي اهو پڌائي ٿو ته اڳين انسانن جون اهي ڪهڙيون خوبيون آهن، جن تي عمل ڪري معاشري يا ملڪ کي سنئو بڻائي سگهجي ٿو. علم انسان کي اهو پڌائي ٿو اڳين انسانن سائنس، ٽيڪنالاجي، هنر، حرفت ۽ ڏاهپ ۾ ڪيتري قدر ترقي ڪئي آهي. جنهن کي بنياد بڻائي ترقيءَ جي رفتار کي وڌائي سگهجي.

انهيءَ ڪري علم ۽ انسان جو پاڻ ۾ گهاٽو لاڳاپو آهي. جيتوڻيڪ پوءِ حياتيءَ ۾ پاڻ علم وڌائي سگهجي ٿو، ليڪن بنيادي علم حاصل ڪرڻ جي هڪ خاص عمر ٿيندي آهي. جيڪڏهن انسان حياتيءَ جي انهيءَ دور ۾ علم حاصل نه ڪيو ته اڳتي هلي ڪيس اجايو وقت وڃائڻو پوندو.

اسان جڏهن مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي حياتيءَ تي نظر ڦيرايون ٿا ته معلوم ٿئي ٿو ته هو پڙهڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن هڪ سال ۾ ديني علوم جو اهو نصاب پورو ڪيو جنهن کي عام شاگرد ستن اٺن سالن ۾ پورو ڪندا آهن. مولانا مرحوم اهو علم حاصل ڪري ڪتاب ويڙهي ڪونه رکيا هئا. پر جڏهن آمروٽ ۾ اچي آباد ٿيو هو ته مولانا تاج محمود آمروٽيءَ ڪيس شاندار ڪتب خانو قائم ڪري ڏنو

Gul Hayat Institute

هو. پاڻ جڏهن گوٺ پير جهنڊي ۾ پاڙهيندو هو ته اُتي به هن عاليشان ڪتب خاني مان فائدو ورتو. ان کان پوء وطن کان ٻاهر رهي به روس ۽ مڪي شريف جا وڏا وڏا ڪتبخانا پڙهي پورا ڪيائين. پاڻ فرمائيندو هو ته:

"مون ايترا ته ڪتاب پڙهيا آهن، جو جيڪڏهن ڪا چڱي ڀلي حڪومت به خريد ڪرڻ گهري ته حال في الحال اُنهن ڪتابن جي قيمتن جي ڪٿ ڪري ڏکي وڃي!"

ان ڪري مولانا عبيدالله سنڌي جي حياتيء مان اسان کي هي سبق ملي ٿو ته ماء جي جهوليء کان وٺي قبر جي ڪنڌي تائين انسان کي علم حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ڪوبه انسان ڪتابن ۽ علم کان پري رهي عظيم انسان ٿي نٿو سگهي.

علم آهي عمل سان:

ائين ڪونه آهي ته ڪو انسان اُن ڪتابن جا پڙهي وڃڻ سان عالم يا اديب ٿئي ٿو. حقيقت ۾ عالم يا اديب اُهو آهي، جيڪو پڙهيل علم تي عمل ڪري. مولانا عبيدالله سنڌي جي حياتي علم ۽ عمل جو ڳنڍيل نمونو هئي. هن جو علم پڙهيو، تنهن هن کي "وطن دوستي" ۽ "اسلام سان عقيدت سيکاري. پاڻ سڀئي جمار انهن ٻنهي عظيم مقصدن خاطر قربان ڪري ڏيکاريائين. ان ڪري اسان کي جيڪڏهن

Gul Hayat Institute

مولانا عبيدالله سنڌي جهڙو عظيم انسان ٿيٽڙو آهي تہ پوءِ اسان کي بہ هن وانگر پڙهڻ ۾ بہ پنهنجو مت پاڻ ٺيٽڙو پوندو ۽ ان تي عمل بہ ڪرڻو پوندو.

مدد زباني نہ پر عملي:

پيارا ٻارو! گهڻا ماڻهو رڳو سٺيون ڳالهيون ڪندا آهن. هو سوچيندا آهن تہ سندن ملڪ ۽ معاشرو ترقي ڪري، پر سندن سوچ کي ڪا لوچ نہ هوندي آهي. يعني هو لوچيندا نہ آهن. اهڙي نموني سان ڪي ماڻهو وري اهو تہ چوندا آهن تہ غربت ۽ افلاس کي متايو وڃي، پر پاڻ اڌهيءَ لاءِ ڪا بہ ڪوشش نہ ڪندا آهن.

ليڪن مولانا عبيدالله سنڌي ائين نہ ڪندو هو. هو جنهن ڳالهہ کي سٺو سمجهندو هو، اُن تي پهرين عمل ڪندو هو ۽ پوءِ ٻين کي چوندو هو. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ سندس ڪنهن معتقد ڊاڪٽر خط لکيو تہ هو ڪيس دعا ڪري جيئن هو غربت مان ڇوٽڪارو پائي. مولانا عبيدالله سنڌي سندس جواب ۾ ڊاڪٽر پنهنجي وس ۽ وت آهر ڏوڪڙ ڏياري موڪليا. اهڙي نموني سان سندس زندگيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا موقعا آيا، جو پاڻ وٽ جوڪجهہ هوندو هئن اُهو ٻين ضرورت مندن کي ڏئي ڇڏيندا هئا. آخر ۾ سندن سموري مڏي ۽ ملڪيت هن جي بدن جا ڪپڙائي وڃي رهيا

پاڻ جڏهن هي جهان ڇڏي ويو، تڏهن هو سنا گڻ، نيڪ اخلاق ۽ وطن دوستي اسان جي حوالي ڪري ويو. هاڻي اسان جو اهو فرض آهي ته انهي عظيم انسان جي حياتيءَ کي اڳيان رکي سندس ڇڏي ويل ڪم کي هٿ ۾ کڻون ته جيئن پنهنجو، پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جو مان مٿاهون ڪيون. ان ۾ اسان جي ئي ڀلائي آهي. ڇو ته جڏهن اسان نه هونداسين تڏهن هي دنيا اسان کي ياد ڪندي ۽ اسان جو ڳالهه وڏي عزت ۽ احترام سان وٺندي.

آڏوري ڳالهه:

پيارا ٻارو! هن وقت تائين اسان جا مولانا عبيدالله سنڌي جي ڪهاڻي پڙهي چڪا آهيون، اها پوري به آهي ۽ آڏوري به. ڇو ته هو ايڏو ته عظيم انسان هو، جنهن تي هن مختصر ڪتابڙي ۾ ٿورو ئي لکي سگهجي ٿو. اسان جڏهن وڏا ٿينداسين ۽ مولانا عبيدالله سنڌي بابت وڏيڪ ڪتاب پڙهنداسين، تڏهن هيءَ ڳالهه ڪنهن حد تائين پوري ٿيندي حقيقت ۾ ڳالهه پوري تڏهن ٿيندي، جڏهن اسان مولانا عبيدالله سنڌي وانگر حياتي گذاري پنهنجي وطن وارن کي سک ۽ چين ڏيون.

ڀلا انسان ڀلن گڻن وارا ٿيندا آهن، اُنهن جا اخلاق سنا ۽ عمل نيڪ ٿيندا آهن. سندن شخصيت ۽ ڪردار ۾ ڪوبه

Gul Hayat Institute

جي تاڱهه ڪيس سڄي هندستان جي مکيه مدرسن جي درن تي وٺي وئي. پوءِ جڏهن وطن جي آزادي ۽ ساٿيهه جي سڪ سندس اندر ۾ گهر ڪري ويئي ته ڪيس جلاوطن ٿيڻو پيو. پريا ٢٤ سال وطن کان دور رهيو. ان کان پوءِ جڏهن ملڪ ۾ موٽي آيو ته هڪ ڏينهن يا هڪ گهڙي به آرام ڪونه ڪيائين. هن عظيم انسان جي زندگي وطن دوستيءَ جي عظيم ڪهاڻي آهي. شل اوهين ۽ اسين هن بزرگ جيان عظيم ٻڻجون ۽ پنهنجي وطن سان ائين پيار ڪريون، جيئن مولانا عبيدالله سنڌي ڪيو.

Gul Hayat Institute